**اداريو:**

# حر جماعت لاءِ عيد جو تحفو

الحمد لله رب العالمين، والصلاة والسلام على سيد المرسلين وعلى آله وصحبه اجمعين.

علم هڪ اهڙو نور آهي جيڪو زماني جي قيد کان آزاد هوندو آهي، پر ان نور کي پيڪيڄڻ جا ذريعا وقت سان گڏ تبديل ٿيندا رهندا آهن. تاريخ شاهد آهي تہ جڏهن قلم ۽ قرطاس جو دور آيو تہ اسان جي اسلاف پنهنجي رت سان علمي داستانون رقم ڪيون. اڄ جڏهن دنيا "ڊجيٽل گلوبل وليج" بڻجي چڪي آهي، تہ اها وقت جي اشد ضرورت آهي تہ اسان پنهنجي ان عظيم علمي ورثي کي، جيڪو درگاهہ عاليہ راشديہ ۽ جامعہ راشديہ جي عالمن جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهي، ان کي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي پوري دنيا تائين پهچايون.

ماهوار "الراشد" هميشہ حق جو آواز بڻجي پنهنجي پڙهندڙن تائين پهتو آهي. پر اسان محسوس ڪيو تہ رڳو پرنٽ ميڊيا ذريعي اسين پنهنجي ان عظيم ذخيري کي ايندڙ نسل ۽ عالمي سطح تائين گهربل رفتار سان نٿا پهچائي سگهون. انهي فڪري ضرورت کي نظر ۾ رکندي، الله تعاليٰ جي فضل ۽ اعليٰ حضرت پيرسائين پاڳارا جن جي سرپرستي ۽ دعائن سان، اسان حر جماعت جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ مڪمل تحقيقي ۽ علمي ويب سائيٽ SikandariPublications.com جو بنياد رکيو آهي.

هي ويب سائيٽ محض هڪ پورٽل ناهي، پر هي هڪ "ڊجيٽل لائبريري" ۽ "آن لائن جامعہ" آهي، جتي پيرانِ پاڳارا بزرگن جي ملفوظات کان وٺي سڪندري عالمن جي جديد ترين تحقيقي مقالن تائين سڀ ڪجهہ هڪ ڪلڪ تي دستياب هوندو. اسان جو مقصد اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪو محقق سنڌ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ يا دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ويهي "خانقاه شريف جي فڪر" يا "حرجماعت ۽ سڪندري عالمن" بابت

مطالعو ڪرڻ چاهي ته ڪيس مستند مواد لاءِ پريشان ٿيڻ نه پوي.

اڄ جو دور الحاد ۽ فڪري گمراهي جو دور آهي. سوشل ميڊيا تي ايمان تي حملا ڪيا پيا وڃن. اهڙي صورتحال ۾ خاموش رهڻ علمي خيانت جي برابر آهي. اسان ڪي پنهنجي دفاعي حصار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ان نئي ميدان (انٽرنيٽ) ۾ لهڻو پوندو جتان وار ڪيو پيو وڃي. ويب سائيٽ جو قيام ان نئي علمي جهاد جو هڪ حصو آهي.

ويب سائيٽ SikandariPublications.com جي ترتيب ۾ اسان خاص طور تي اهڙا سيڪشن رکيا آهن جيڪي نه صرف عام ماڻهن پر عالمن ۽ محققن لاءِ به مشعلِ راهه ثابت ٿيندا.

**مستند مواد جي فراهمي:** پيرانِ پاڳارا بزرگن جي سوانح، سندن سياسي و مذهبي جدوجهد ۽ تصنيفات کي پهرين ترجيح ڏني وئي آهي.

**الراشد جو آرڪائيو:** اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته الراشد جا پراڻا ۽ نوان سڀ شمارا پي ڊي ايف (PDF) صورت ۾ هتي موجود هجن ته جيئن علمي تسلسل برقرار رهي.

**ڊجيٽلائيزيشن ۽ سڪندري پروفارما:** اسان ويب سائيٽ تي "سڪندري پروفارما"، "مساجد فارم" ۽ "مدارس فارم" جهڙا جديد فيچرز شامل ڪيا آهن. ان جو مقصد سڄي سنڌ ۽ ملڪ ۾ موجود سڪندري عالمن، مسجدن ۽ مدرسن جو هڪ جامع ڊيٽا بيس تيار ڪرڻ آهي، ته جيئن تنظيمي ۽ علمي ڪمن ۾ آساني ٿئي.

هتي مان پنهنجي سڪندري عالمن، اديبن ۽ دانشورن کي هڪ خاص گذارش ڪرڻ چاهيان ٿو. قلم جي حرمت ان ۾ آهي ته اهو حق لکي ۽ ان کي عام ڪري. اسان وٽ اهڙا ڪيترائي عالم آهن جن جا ناياب ڪتاب رڳو المارين تائين محدود آهن. مان اپيل ٿو ڪريان ته پنهنجي انهن ڪتابن ۽ مقالن کي سافٽ ڪاپي (PDF) جي صورت ۾ اسان تائين پهچايو. توهان جو لکيل هڪ مقالو ويب سائيٽ تي اچڻ ڪانپوءِ صدقه جاريه بڻجي لکين ماڻهن جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو.

اسان جي هي ويب سائيٽ اردو ۽ سنڌي ٻولين ۾ مواد مهيا ڪري رهي

آهي، تہ جيئن بين الاقوامي سطح تي بہ ان کي پڙهيو وڃي. هي هڪ وڏو ۽ مشڪل ڪم هو، پر "نيت صاف تہ منزل آسان". اسان کي اميد آهي تہ هي پليٽ فارم حر جماعت جي علمي وقار کي وڌيڪ چار چنڊ لڳائيندو.

آخر ۾، مان تمام دوستن، پڙهندڙن ۽ جماعت جي مخلصن کي عرض ڪندس تہ هن ويب سائيٽ کي نہ صرف پاڻ ڏسن پر پنهنجي دوستن ۽ نوجوان نسل تائين بہ پهچائين. پنهنجي فيڊ بيڪ ذريعي اسان جي رهنمائي ڪن تہ جيئن اسان هن کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهون.

دعا آهي تہ اللہ تعاليٰ اسان جي هن ننڍڙي ڪوشش کي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول فرمائي ۽ اسان کي پنهنجي اسلاف جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

وَمَا تَوْفِيقِي إِلَّا بِاللَّهِ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَإِلَيْهِ أُنِيبُ.

ويب سائٽ جو لنڪ ڪوليو:

https://sikandariapublications.com

يا ڪيو آر ڪوڊ جي ذريعي وزٽ ڪريو:

## رَاشِدُ التَفاسِير

### قرآن مجيد جا تفسيري نڪتا (45)

**از: پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره**

پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره قادري سلسلي جو شيخ طريقت هئڻ سان گڏ هڪ رباني عالم دين، مفسر، محدث، مجتهد ۽ فقيه هيو. قرآن مجيد جي مفسر طور ڏسجي ته پاڻ فن تفسير جو زبردست ماهر، علم تفسير جي اصولن ۽ باريڪين جو وڏو ڄاڻو هو. سندن ڪتب خاني ۾ تفسير جا اهم ۽ امهات الڪتب موجود هيا. پاڻ جنهن نموني قرآن مجيد جي آيتن جو تفسير بيان ڪندا هئا. ان جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز هيو، جنهن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آثار سندن تصنيفات، مڪتوبات توڙي ملفوظات ۾ موجود آهن. ان ڪري هي ضروري آهي ته "پيرسائين روضي ڌڻي بطور مُفسر قرآن" جي موضوع تي تحقيق ڪجي ۽ سندن اعليٰ علمي شخصيت ۽ تبحر علمي جي هن اهم رخ کي واضح ڪجي. قرآن مجيد جي عُلوم ۽ تفسيري نُڪتن جي حوالي سان پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي علمي ۽ عرفاني فيضان جي سمنڊ مان چونڊ افادات ۽ نڪتا هتي سلسله وار ڏئي رهيا آهيون ۽ انهيءَ سلسلي جو عنوان سندن اسم مبارڪ جي نسبت سان "راشد التفاسير" رکيو ويو آهي.

أَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا كَثِيْرًا (التوبہ:٨٢)

ترجمو: (اي پيغمبر ڪريم ﷺ فرمايو ته) ٿورو کلو ۽ گهڻو روئو.

خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه ٿو نقل ڪري ته هيڪر موٽيل فقير ڊڪڻ حاويلي مبارڪ جي تياريءَ لاءِ مسجد شريف جي پويان ڪاٺيون ويٺي ڇاهيون، پاڻ به وٽس هڪ ڪاٺيءَ تي اچي ويٺا پيا فقير به حاضر هئا، ته ايتري ۾ هوت فقير رهندڙ درگاهه مبارڪ جو، اڪين کان معذور هو سو اتي آيو ۽ ٺهڪ ڏيئي کلي چيائين ته اي ملا موٽيل! ويٺو آهين؟ موٽيل فقير ته ادب کان ڪجهه نه ڪڇيو، جنهن مان هوت فقير کي معلوم ٿي ويو ته سائين جن ويٺا آهن. تڏهن يڪدم گوڏا پيچي ماٺ ڪري ويهي رهيو. پاڻ

فرمايائونس تہ اي حافظ! الله تعاليٰ ياد اٿئي؟ چيائين تہ هائو سائين فرمايائون تہ ائين نہ چوڻ گهرجي. توکي الله تعاليٰ ياد هجي تہ هوند ٿهڪ ڏيئي کونہ کلين ها. ڇو تہ الله تعاليٰ جل شانہ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ،

فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا كَثِيْرًا (التوبہ:٨٢)

ترجمو: (اي پيغمبر ڪريم ﷺ فرمايو تہ) ٿورو کلو ۽ گهڻو رئو.

۽ پيو تہ ٿهڪ ڏيئي کلڻ سان دل مري ويندي آهي. سندن انهيءَ فرمودي مبارڪ ٻڌڻ سان حاضر ماڻهن ۾ روڄ پئجي ويو.

گریہ و زاری عجب سرمایہ است
تا بشہرِ دل قوی تر پایہ است

**درس حديث**

## شوال جا ڇهہ روزا

عَنْ أَبِي أَيُّوبَ الأَنْصَارِيِّ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ أَنَّ رَسُولَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ: "مَنْ صَامَ رَمَضَانَ ثُمَّ أَتْبَعَهُ سِتًّا مِنْ شَوَّالٍ كَانَ كَصِيَامِ الدَّهْرِ
"(صحيح مسلم، حديث نمبر: 1164)

**حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو" :جنهن رمضان جا روزا رکيا، پوءِ ان کان پوءِ شوال جا ڇهہ روزا رکيا، تہ اهو ائين آهي ڄڻ هن سڄي عمر (يا سڄو سال) روزا رکيا".**

**درس ملفوظات شريف**

### رمضان ۽ سدوري

**رمضان فقير سهتو (ٽنڊي بهادر فقير نظاماڻيءَ جو) نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڀيري پنهنجي زال مسمات سدوري سميت درگاهہ مبارڪ تي زيارت لاءِ حاضر ٿيس حضرت پير سائين رضي الله عنه جن اسان کي ڏسندي ئي فرمايو، روزا ويا ۽ رمضان آيو. روزن ادا ڪرڻ تي فقيرن عرض ڪيو قبلا سدوري کٽي معاف ٿئي، تنهن تي منهنجي زال عرض گذاريو، قبلا مان تہ کٽي احسان ڪريان جي رمضان (جنهن جا روزا گهٽا آهن) معاف ڪري. (سنڌ ۾ سدوري عيدالفطر کان پوءِ ڇهن روزن کي چيو ويندو آهي)**

**اي عزيز! پير سائين جن سدوري جي لفظ مان شوال جا ڇهہ روزا مراد ورتا هئا اها خوشطبعي سفر کان ٿڪي آيل رمضان فقير سبب ڪيائون ٿي جڏهن تہ پير سائين جن جي گفتگو سالن جا ظاهري ۽ باطني ڏک ميٽيندڙ هئي.**

# رمضان بعد اعمال خير تي استقامت ۽ هميشگي

## حافظ علي رضا سڪندري

رمضان المبارڪ پنهنجي تمام تر فضيلتن، رحمتن، برڪتن ۽ سعادتن سان گڏ تشريف آڻي اسان کي روحاني لذتون ۽ راحتون عطا ڪرڻ کان پوءِ اسان کان رخصت ٿي ويو. جڏهن رمضان المبارڪ اسان کان رخصت ٿي رهيو هو تہ اسان کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ اسان جو ڪو ويجهو عزيز اسان کان جدا ٿي رهيو هجي. هن ڪيفيت جو ڪارڻ رمضان المبارڪ سان اسان جي محبت، الفت ۽ قلبي وابستگي هئي. رمضان المبارڪ ۾ اسان تي الله تعالىٰ جون خصوصي نوازشون ٿي رهيون هيون، اسان کي مختلف قسمن جون نعمتون نصيب ٿي رهيون هيون، اسان جي نيڪين ۾ لڳاتار واڌارو ٿي رهيو هو، رحمتن جي برسات ٿي رهي هئي ۽ مغفرتن ۽ بخشن جون ندائون ڏنيون پئي ويون. غرض اسان جو هڪ هڪ پل يادِ الاهيءَ ۾ گذري رهيو هو. هر طرف رحمت ئي رحمت، هر پاسي برڪت ئي برڪت ۽ هر طرف نعمت ئي نعمت نظر اچي رهي هئي ۽ بالآخر رمضان المبارڪ اسان کان وداع ٿي ويو.

رمضان المبارڪ جي رخصتيءَ تي اسان دلگير بہ ٿياسين ۽ اڪيون بہ آليون ٿيون، افسرده بہ ٿياسين ۽ غمگين بہ، پر ڇا اسان ڪڏهن هي سوچيو تہ رمضان المبارڪ اسان جي زندگيءَ ۾ ڇو آيو هو...؟ رمضان جي روزن ۽ قيام جو ڪهڙو مقصد هو...؟ رمضان المبارڪ جا اسان کان ڪهڙا تقاضا هئا...؟ ۽ ڇا اسان اهي تقاضا پورا ڪيا...؟ اسان کي خود احتسابيءَ ذريعي پنهنجي زندگيءَ جي ڏينهن رات جو جائزو وٺڻو پوندو تہ اسان ڪٿي بيٺا آهيون...؟ اسان هن رمضان المبارڪ جي مبارڪ گهڙين مان ڪيترو فائدو حاصل ڪيو...؟ اسان پنهنجي کاتي ۾ ڪيتريون نيڪيون جمع ڪيون...؟ اسان پنهنجي ذاتي حالتن جي ڪيتري اصلاح ڪئي...؟ پنهنجي عملن کي ڪيترو درست ڪيو ۽ پنهنجي اخلاق ۽ عادتن کي

ڪيترو پاڪيزه ۽ سينگاريو...؟ ڇا اسان حقوق الله سان گڏ حقوق العباد جو بہ خيال رکيو...؟ ڇا اسان پنهنجي والدين، مائٽن ۽ پاڙيسرين سان سٺي سلوڪ جو مظاهرو ڪيو...؟ ڇا اسان ماهه صيام ڪان پوءِ بہ نيڪ عملن تي قائم رهڻ جو عزم ڪيو...؟ جيڪڏهن اسان خود احتسابيءَ جي هن امتحان ۾ ڪامياب قرار ٿياسين تہ اسان واقعي رمضان المبارڪ جا تقاضا پورا ڪيا، ورنہ اسان ڪي بک ۽ اڃ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ هٿ نہ آيو.

**رمضان ۾ اسان جا ڏينهن رات**

هڪ مسلمان جا ڏينهن رات رمضان المبارڪ ۾ ڪيئن گذرن ٿا ۽ رمضان المبارڪ ڪان پوءِ ڪيئن گذرن ٿا، ان جو تقابلي جائزو ڪجهہ هن طرح پيش ڪري سگهجي ٿو تہ رمضان المبارڪ دوران هر مسلمان نيڪي ۽ خير جي جذبي سان ٿمٽار نظر اچي ٿو. مسجدون نمازين سان ڀرجي وڃن ٿيون. هر مسلمان پنج وقت نماز جماعت سان ادا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ نظر اچي ٿو. عبادتن ۽ قرآن جي تلاوت جي معمولن ۾ واڌارو ٿي وڃي ٿو. والدين، گهرڀاتين ۽ ويجهن مائٽن سان سٺي سلوڪ جا جذبا اڀري اچن ٿا. دوستن ۽ پاڙيسرين سان لاڳاپن کي بهتر ڪيو وڃي ٿو، سحر ۽ افطار ۾ غريبن ۽ مسڪينن کي کائڻ پيئڻ ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. انفاق في سبيل الله جي حڪم تي عمل ڪندي خوب سخاوت ڪئي وڃي ٿي. حسنِ اخلاق جو بهترين مظاهرو ڪيو وڃي ٿو. پنهنجن ۽ پراون سڀني سان عاجزي ۽ ملنساريءَ سان برتاءُ ڪيو وڃي ٿو. بيمارن جي تيمارداريءَ سان گڏوگڏ انهن جي علاج معالجي جي خرچن لاءِ فنڊ مهيا ڪيا وڃن ٿا. اسپتالن ۾ مريضن کي باقاعدگيءَ سان کاڌو فراهم ڪيو وڃي ٿو. غرض هن مبارڪ مهيني ۾ هر مسلمان جي اها ڪوشش هوندي آهي تہ هو هر نيڪ ڪم ۾ وڌي چڙهي حصو وٺي. نيڪ عمل جو هي جذبو ۽ نيڪيءَ جي اها تڙپ رمضان المبارڪ جي ڪري موجود هوندي آهي. هر مسلمان روزي جي فلسفي تي پنهنجي وت آهر عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچي ٿو. هن مهيني ۾ نيت جي اخلاص ۽ عمل جي پاڪائيءَ سبب دل جو آئينو ڪيني، بغض، حسد ۽ دشمني جهڙين براين ڪان پاڪ ۽ صاف ٿي وڃي ٿو.

هر مسلمان فرمانِ رسول ﷺ تي عمل ڪندي ايمان ۽ احتساب سان روزا رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

رمضان بازارن ۾ حڪومتي سطح تي ڪاٽڻ پيئڻ جي شين جا اگهه مقرر ڪيا وڃن ٿا جن ڪان وڌيڪ وصول ڪندڙ قانون جي گرفت ۾ اچي وڃن ٿا. اهڙي طرح مختلف انتظامي ادارا حرڪت ۾ اچن ٿا ۽ عوام کي سهولت پهچائڻ ۾ مصروف عمل هوندا آهن. رمضان المبارڪ ۾ هر شخص نيڪي ۽ خير جي جذبي سان ٿمٿار نظر اچي ٿو. هو ٻين سان ڀلائي ڪري خوشي محسوس ڪري ٿو.

اسلامي ڪتب خانا جيڪي سڄو سال پڙهندڙن جي واٽ نهاريندا هئا رمضان المبارڪ ۾ آباد نظر اچن ٿا. عالمن ۽ واعظن جي درسِ قرآن جو سلسلو بہ سڄو مهينو جاري رهي ٿو. شادي هال جيڪي سڄو سال ڍول باجن جي آوازن سان گونجندا هئا، رمضان المبارڪ ۾ تلاوتِ قرآن ۽ درود و سلام جي نغمن سان انهن جي فضا معطر ٿي رهي هوندي آهي.

**رمضان ڪان پوءِ اسان جا ڏينهن راتيون**

پر جيئن ئي رمضان المبارڪ جو بابرڪت مهينو پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي ٿو، ماڻهو پنهنجي پراڻي معمول تي واپس اچي وڃن ٿا. انهن جا طور طريقا صفا بدلجي وڃن ٿا. انهن جي لهجي جي مٺاڻ اوچتو ڪڙواڻ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. انهن جي طبيعت جي نرمي ۽ خوش مزاجي غائب ٿي وڃي ٿي ۽ هو اڳي وانگر بدتميز ۽ تلخ مزاج بڻجي وڃن ٿا.

مسجدن ۾ موذن ۽ امام ڪان سواءِ محلي جا ڪجهه وڏي عمر جا بزرگ جماعت جو انتظار ڪندي نظر اچن ٿا. اهي ئي مسجدون جتي ڪجهه ڏينهن اڳ عبادت ڪندڙن جي پيهه لڳي پئي هوندي هئي، اڄ اتي مشڪل سان ڪجهه ماڻهو نظر اچن ٿا.

هڪ مسلمان گهراڻي جو جائزو پيش ڪريون تہ صورتحال ڪا مختلف نظر نٿي اچي. ٻارن ڪان وٺي وڏن تائين گهر جا تمام ڀاتي جنهن ذوق و شوق سان عبادتِ الاهيءَ ۾ مصروف نظر اچن ٿا، غير رمضان ۾ اهو غائب نظر اچي ٿو. اهڙي طرح ٻين ديني شعارن ۽ اسلامي تعليمات تي

عمل ۾ بہ گھٽتائي نظر اچي ٿي. گھٽي ۽ بازار ۾ چهل پهل تہ نظر اچي ٿي پر ماڻهن جي احساسن ۾ واضح طور تي رمضان المبارڪ جي مقابلي ۾ فرق نظر اچي ٿو. غرض اسان جنهن مقام تي بہ هليا وڃون اسان کي ڪجهہ ماڻهن کان سواءِ اهڙي ئي صورتحال نظر ايندي.

رمضان کان پوءِ جي هن صورتحال مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ اسان جي زندگيءَ جي معمولن ۾ ڪا انقلابي تبديلي نہ آئي.

**اسان جا ڏينهن رات ڇو نٿا بدلجن؟**

ڪهڙو ڪارڻ آهي تہ رمضان المبارڪ جي روحاني ريفريشر ڪورس (Spiritual Refresher Course) کان پوءِ بہ اسان مان اڪثر فردن جي زندگيءَ ۾ اها تبديلي رونما نٿي ٿئي جنهن جي اسلام تقاضا ڪري ٿو. اچو! انهن سببن ۽ عوامل کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون جن جي ڪري مسلمانن ۾ اها تبديلي نٿي اچي:

١. ان جي پهرين ۽ بنيادي وجهہ هيءَ آهي تہ اسان ڪڏهن روزي جي فلسفي کي پنهنجي عملي زندگيءَ تي لاڳوئي ناهي ڪيو.

٢. ٻي وجهہ هيءَ آهي تہ اسان جي مذهبي ۽ معاشرتي زندگي هر حوالي سان عدم توازن جو شڪار آهي.

٣. ٽي ڪارڻ اهو آهي تہ اسان جي مزاج ۾ استقامت (پايداري) ناهي.

جيڪڏهن اسان روزي جي فلسفي کي عملي طور تي زندگيءَ جي سڀني شعبن تي لاڳو ڪري وٺون تہ باقي سببن جو ازالو پاڻهي ممڪن آهي. هي فلسفو ڇا آهي؟ اهو ڄاڻڻ لاءِ قرآني رهنمائيءَ جي ضرورت آهي.

اسلام جڏهن تہ انسانيت جي تعمير ۽ ڀلائيءَ جو مذهب آهي، ان ڪري ان جي تمام تعليمات جو مرڪز بہ اهي ئي ٻہ نڪتا آهن. نماز، روزو، سموريون عبادتون ۽ تمام نيڪ عملن جو بنياد تقويٰ آهي. ان ئي تقويٰ ذريعي انساني اخلاق ۽ ڪردار جي تعمير ممڪن آهي.

# شوال جي ڇهن روزن جي فضيلت ۽ تحقيق

## مولانا علي اڪبر سڪندري

حضرت ابو ايوب الانصاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو: "جنهن رمضان جا روزا رکيا، پوءِ ان جي پٺيان شوال جا ڇھ (نفلي) روزا رکيا تہ اهو سڄي زماني جي روزن رکڻ وانگر آهي."
(رواه مسلم، ڪتاب الصيام، حديث نمبر ١١٦٤)

**فائدا:** "الحسنة بعشر امثالها" (هڪ نيڪي جو اجر گهٽ ۾ گهٽ ڏهوڻ آهي) جي مطابق هڪ مهيني (رمضان) جا روزا ڏهن مهينن جي برابر آهن، ۽ ان کان پوءِ شوال جا ڇھ روزا بہ رکيا وڃن تہ اهي ٻن مهينن جي برابر ٿي ويا، اهڙي طرح ڄڻ سڄي سال جي روزن جو مستحق ٿي ويو. ٻين لفظن ۾ هن سڄي سال جا روزا رکيا ۽ جنهن جو هي مستقل معمول بڻجي وڃي تہ اهو ائين آهي ڄڻ هن سڄي زندگي روزن سان گذاري، هو الله وٽ هميشہ روزو رکڻ وارو شمار ٿيندو.

ان اعتبار سان اهي ڇھ روزا وڏي اهميت رکن ٿا، جيتوڻيڪ انهن جي حيثيت نفلي روزن جي ئي آهي. اهي روزا لاڳيتو رکيا وڃن يا ناغو ڪري، ٻنهي طرح جائز آهن، تنهن هوندي بہ شوال جي مهيني ۾ رکڻ ضروري آهن. اهڙي طرح جن جا رمضان جا فرضي روزا بيماري يا سفر جي ڪري رهجي ويا هجن، انهن لاءِ ضروري آهي تہ پهريان اهي فرضي روزن جي قضا ڏين ۽ ان کان پوءِ شوال جا ڇھ نفلي روزا رکن.

**مالڪيہ جي صحيح مذهب جو تفصيل:** جڏهن تہ انهن روزن جي نفي بابت سڀ کان وڏيڪ پيش ڪيو ويندڙ دليل امام مالڪ جو قول آهي، ان ڪري مالڪيہ جي معتبر ڪتابن مان ان بابت اهي وضاحتون بہ پيش ڪيون وڃن ٿيون جن سان انهن جو مذهب، جمهور جي مذهب جي ويجهو نظر اچي ٿو ۽ امام مالڪ جي قول جي صحيح تشريح بہ ٿي وڃي ٿي.

**١:-** سڀ کان پهريان شرح زرقاني جي عبارت ذڪر ڪيون ٿا جنهن ۾

"موطا" واري سندن روايت جو مفهوم بيان ڪيو ويو آهي.
"يحيٰ چوي ٿو تہ: مون عيد الفطر کان پوءِ ڇهن روزن بابت امام مالڪ کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ: 'مون اهلِ علم و فقه (ءِ اهلِ اجتهاد) مان ڪنهن کي بہ اهي روزا رکندي ناهي ڏٺو ۽ نہ ئي سلف مان (جن بزرگن کي مون ناهي پاتو، جهڙوڪ صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين ۽ ڪبار تابعين رحمهم الله) ڪنهن کان ڪا روايت پهتي، چنانچہ اهلِ علم ان کي پسند نہ ڪندا هئا، ۽ انهن کي ان جي بدعت بڻجي وڃڻ ۽ اڻڄاڻ ماڻهن جو رمضان سان غير رمضان کي ملائڻ جو انديشو هو'."

مطرف فرمائي ٿو تہ: امام مالڪ ان مٿئين سبب جي بنياد تي انهن روزن کي مڪروه سمجهيو هو، پر صورت ۾ جيڪو شخص صرف فضيلت حاصل ڪرڻ جي نيت سان اهي روزا رکي تہ ان لاءِ ڪراهت ناهي. صحيح مسلم ۽ سنن اربعہ ۾ حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جي روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو:

"جنهن شخص رمضان جا روزا رکيا، پوءِ ان کان پوءِ شوال جا ڇهہ ٻيا روزا رکيا تہ هي سڄو سال روزا رکڻ وانگر آهي."

قاضي عياض فرمائي ٿو: ان جي وجهہ هي آهي تہ هڪ نيڪي ڏهن جي برابر آهي ۽ ڇهن روزن سان هڪ سال جو حساب پورو ٿي وڃي ٿو، جيئن نسائي روايت ڪيو آهي. اسان جا مشائخ فرمائين ٿا تہ امام مالڪ ان ڪري هن کي مڪروه قرار ڏنو تہ متان جاهل ماڻهو رمضان سان غير رمضان کي ڳنڍي نہ ڇڏين، البتہ شريعت (جي بيان ڪيل فضيلت) جي بنياد تي هي روزو رکڻ مڪروه ناهي.

پڻ چيو ويو آهي تہ امام مالڪ کي (متعلقه) حديث نہ پهچي سگهي هئي يا (پهتي تہ صحيح پر) سندن ويجهو (استدلال جي درجي ۾) ثابت نہ ٿي سگهي هئي يا اهلِ مدينہ جو عمل ان جي برعڪس هو. ۽ هي بہ ممڪن آهي تہ انهن عيد جي ڏينهن سان ملائي رکڻ کي مڪروه سمجهيو هجي، چنانچہ جيڪڏهن مهيني جي وچ ۾ رکي تہ پوءِ ڪا

ڪراهت ناهي ۽ سندن قول "ستة ايام بعد الفطر من رمضان" جي ظاهري معنيٰ بہ اها ئي بڻجي ٿي. ابو عمر (ابن عبدالبر) فرمائي ٿو تہ: امام مالڪ بچي بچي هلندڙ، دين جي معاملي ۾ نهايت احتياط ڪندڙ ماڻهو هئا، ۽ روزو هوندئن تہ هڪ نيڪ عمل آهي پر (هتي) ان جو رکڻ بہ سنو نہ سمجهيو ويو (ڇو تہ) اڻڄاڻ ماڻهن جي ڪوتاهي جو انديشو هو، جيئن پاڻ بيان ڪيو اٿن.

امام مالڪ جي ويجهو (متعلقه) حديث ثابت نہ ٿي سگهڻ (جيتوڻيڪ صحيح مسلم ۾ موجود آهي) ان جي وجهہ هي آهي تہ ان جي سند ۾ سعد بن سعيد راوي آهي جنهن کي امام احمد ضعيف چيو آهي.

۽ نسائي چيو تہ: هو قوي ناهي.

۽ ابن سعد چيو: ثقہ پر حديثون گهٽ اٿس.

۽ ابن عيينہ وغيره چيو: تہ هي حديث ابو ايوب رضي الله عنه تي موقوف آهي، يعني ان ڳالهہ جو امڪان آهي تہ هي سندن پنهنجي راءِ هجي، ڇو تہ هڪ نيڪي تہ هوندئن بہ ڏهن جي بدلي ۾ آهي تہ هن حديث جون بہ علتون ٿيون: هڪ ان جي راوي ۾ اختلاف هجڻ، ٻي موقوف چيو وڃڻ. (انتهي)

**٢:-** ابن رشد "بداية المجتهد" ۾ لکيو آهي:

"بهرحال شوال جي ڇهن روزن بابت ثابت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو: 'جنهن شخص رمضان جا روزا رکيا پوءِ ان کان پوءِ شوال جا ڇهہ ٻيا رکيا، تہ هي ائين آهي ڄڻ هن سڄي سال روزا رکيا'. پر امام مالڪ هن کي مڪروه چيو آهي، ان جي وجهہ يا تہ هي آهي تہ ڪين ان ڳالهہ جو خوف هو تہ متان عام ماڻهو رمضان سان غير رمضان کي ڳنڍي نہ ڇڏين ۽ يا ان ڪري جو ڪين متعلقه حديث نہ پهچي سگهي، يا هي حديث ئي سندن ويجهو استدلال جي درجي کي نٿي پهچي ۽ اها ئي (توجيه) وڌيڪ واضح آهي."

**٣:-** علامہ ابن شاش المتوفي: ٦١٦ھ "عقد الجواهر الثمينة في مذهب عالم المدينة" ۾ لکيو آهي:

"صحيح روايت ۾ شوال جي ڇهن روزن جو ذڪر آيو آهي، پر امام مالڪ کي اهو خدشو هو تہ متان جاهل ماڻهو فرائض سان غير فرض کي شامل نہ ڪري ويهن، تحديد جي ڪراهت ۾ سندن اصل جي مطابق، چنانچہ انهن ڏينهن کان سواءِ انهن روزن رکڻ کي مستحب سمجهيو آهي، ڇو تہ ان مان بہ مقصد حاصل ٿي وڃي ٿو يعني انهن ڇهن ڏينهن ۽ رمضان جي روزن جي ثواب جو ڪيترائي گنا ٿي وڃڻ ايتري تائين جو هڪ سال جي تعداد کي پهچي وڃن، جيئن رسول الله ﷺ فرمايو: 'رمضان جا روزا ڏهن مهينن جي برابر آهن ۽ ڇهہ روزا ٻن مهينن جي برابر، تہ هي هڪ سال جا روزا ٿي ويا'.

انهن روزن لاءِ شوال کي مقرر ڪرڻ جو بنياد مڪلف (بنده) لاءِ آساني پيدا ڪرڻ تي آهي، ڇو تہ ڪيس روزو رکڻ جي عادت ٿي وئي آهي، مٿي ذڪر ڪيل وقت سان ان جي حڪم کي خاص ڪرڻ مقصد ناهي. لامحالہ جيڪڏهن کو ذوالحج جي ڏهن ڏينهن (عشره) دوران رکندو، جڏهن تہ ان ۾ روزو رکڻ جي بہ فضيلت آئي آهي، تہ تمام گهڻو بهتر هوندو، ڇو تہ مقصد هتي بہ حاصل ٿئي ٿو. گڏوگڏ ان عشري جي فضيلت بہ حاصل ٿيندي ۽ امام مالڪ کي جنهن شيءِ جو انديشو هو، ان کان بہ حفاظت رهندي."

۴:- امام قرافي المتوفي: ٦٨۴ھ "الذخيره" ۾ لکيو آهي: "صحيح مسلم ۾ آهي 'جنهن رمضان جا روزا رکيا ۽ ان کان پوءِ شوال جا ڇهہ پيا رکيا تہ ڄڻ هن سڄو سال روزا رکيا'. امام مالڪ شوال کان سواءِ ڪنهن ٻئي مهيني ۾ انهن روزن رکڻ کي مستحب سمجهي ٿو، ان خوف جي ڪري تہ متان جاهل ماڻهو انهن کي رمضان سان ئي شامل نہ ڪري ڇڏين. ۽ جيسين شوال جي ڳالهہ آهي تہ شريعت صرف ٻانهي جي آساني خاطر ان جي تعين ڪئي آهي، ڇو تہ هي مهينو رمضان جي ويجهو آهي، ٻي صورت ۾ مقصد تہ ٻئي مهيني ۾ بہ حاصل ٿي وڃي ٿو، تنهنڪري ٻنهي مصلحتن جي خاطر دير ڪرڻ مشروع هوندي. رسول الله ﷺ جي قول:

'فڪانما صام الدهر' جي معنيٰ هي آهي تہ هڪ نيڪي ڏهن جي برابر آهي، تہ هڪ مهينو ڏهن مهينن جي ۽ ڇهہ روزا سٺ ڏينهن جي برابر ٿي ويا تہ هي هڪ سال جو حساب ٿي ويو ۽ جڏهن سالن جا سال اهڙي طرح ڪندو تہ ڄڻ هن سڄي زندگي روزا رکيا."

**امام اعظم ابوحنيفہ رحمہ اللہ تي اعتراض جو جواب**

باطل هر دور ۾ عوام کي اهلِ حق کان پري ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي قسمن جا حربا استعمال ڪيا؛ تقرير ۽ تحرير ذريعي اهلِ حق جي عبارتن کي پنهنجي مطلب موجب بيان ڪري عوام کي بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن ڏينهن ۾ موبائيل ذريعي هڪ ميسيج عام ڪيو پيو وڃي تہ "فقہ حنفي قرآن ۽ حديث جي خلاف آهي."

ان جو هڪ مثال ائين ڏنائون تہ حديث مبارڪہ ۾ آهي: "جنهن رمضان جا روزا رکيا ۽ ان کان پوءِ شوال جا ڇهہ روزا رکيا تہ ان کي سال جي روزن جو ثواب ملندو." ٻئي طرف فتاويٰ عالمگيري جي هڪ مسئلي سان تقابل ڪيائون تہ "امام ابوحنيفہ جي ويجهو شوال جا ڇهہ روزا رکڻ مڪروه آهي."

**جواب:** هي ڳالهہ بلڪل غلط آهي. فقه حنفي جا معتبر ڪتاب ايستائين جو ان ئي فتاويٰ عالمگيري ۾ بہ شوال جي ڇهن روزن کي مستحب چيو ويو آهي. باقي جتي انهن کي مڪروه چيو ويو آهي اهو مطلق ناهي پر اهو حڪم خاص صورتن سان لاڳاپيل آهي.

جهڙوڪ: جيڪڏهن ڪو شخص هڪ روزو عيد جي ڏينهن رکي ۽ پنج بعد ۾ تہ هي مڪروه آهي.

اهڙي طرح جيڪو شخص انهن روزن کي رمضان وانگر فرض سمجهي تہ هي فرض سمجهي رکڻ مڪروه آهي.

جيڪڏهن ڪو شخص عيدالفطر جي ڏينهن کي ڇڏي، رمضان وانگر فرض سمجهڻ کان سواءِ شوال جا ڇهہ روزا رکي تہ هي مستحب آهي. احناف جي ويجهو راجح قول اهو ئي آهي.

# طائف جو سفر

## حافظ محمد اويس سڪندري

مڪي جي مشرڪن جو اسلام جي دعوت کي ٻڌڻ ۽ قبول ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ، پر سندن ظلم ۽ زيادتيون وڌنديون پئي ويون، جنهن ڪان نہ تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم محفوظ هئا ۽ نہ ئي ڪو مسلمان، چنانچہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم ام المؤمنين خديجہ رضي الله عنها جي وفات کان ٽي مهينا اڳ ڏينهن پوءِ طائف روانا ٿيا.

پاڻ صلي الله عليہ وسلم ٢٧ شوال ١٠ بعثت نبوي (جنوري، فيبروري ٦٢٠ع) تي آزاد ڪيل غلام زيد بن حارثہ رضي الله عنه سان گڏ پيادل غزوان جبل تي آباد شهر طائف روانا ٿيا، جيڪو عزيٰ بت جي قديم عبادت گاهہ هئي. هي شهر مڪي ڪان ڏکڻ-اوڀر طرف ٦٥ ميلن جي فاصلي تي واقع آهي ۽ پنهنجي سرسبزي ۽ شادابي، بهترين چراگاهن ۽ پنهنجي ميون خاص ڪري انگور، آلو بخارا، ڏاڙهون ۽ آڙو جي اعليٰ قسمن ۽ گهڻي پيداوار جي ڪري مشهور آهي، تہ جيئن قبيلي ثقيف کي اسلام جي دعوت ڏين ۽ انهن کان مدد حاصل ڪري سگهن، ڇو تہ اهي رشتي ۾ پاڻ سڳورن جا ماما هئا. رستي ۾ جنهن بہ قبيلي کان لنگهہ ٿيو، ان کي اسلام جي دعوت پيش ڪندا ويا، پر ڪنهن کي بہ اها دعوت قبول ڪرڻ جي توفيق نہ ملي سگهي.

جڏهن پاڻ صلي الله عليہ وسلم طائف پهتا، تہ پاڻ ثقيف جي عمرو بن عمير ثقفي جي ٽن پٽن ۽ اتان جي سردارن عبد ياليل، مسعود ۽ حبيب جي مجلس ۾ تشريف کڻي ويا، انهن مان هڪ وٽ بني جمع جي قبيلي مان قريش جي هڪ عورت ويٺي هئي. پاڻ صلي الله عليہ وسلم انهن کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي ۽ انهن سان اسلام جي تائيد ۽ حمايت بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ فرمايو تہ "مخالف قوم جي مقابلي ۾ منهنجو ساٿ ڏيو". ٽئي ڀاءُ ڊنل هئا ۽ عدم تحفظ جو شڪار هئا، ان ڪري انهن بہ ان پاڪيزه دعوت کي ٻڌڻ کان سختيءَ سان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ مذاق ۽ مسخري

واري لهجي ۾ اهي لفظ چيا: هڪ ڀاءُ چيو "ڇا الله ڪعبي جو پردو چاڪ ڪرڻ لاءِ توکي نبي بڻائي موڪليو آهي؟"
ٻئي ڀاءُ چيو "ڇا الله کي پنهنجي پيغمبري لاءِ توهان کان سواءِ ٻيو ڪو نه مليو؟" ٽئين ڀاءُ چيو "الله جي قسم! مان توسان ڪلام ئي نہ ڪندس، جيڪڏهن واقعي الله توکي پنهنجو رسول بڻائي موڪليو آهي تہ تنهنجي ڪلام کي رد ڪرڻ سخت خطرناڪ آهي، ۽ جيڪڏهن تون الله جو رسول ناهين تہ پوءِ تون خطاب جي لائق ناهين." جڏهن رسول الله صلي الله عليہ وسلم انهن ماڻهن کان بلڪل نااميد ٿي ويا تہ پاڻ اتان اٿيا.
رسول الله صلي الله عليہ وسلم ڏهہ ڏينهن طائف ۾ ترسيا، ان دوران پاڻ اتان جي معززن سان ملاقاتون ڪيون ۽ سڀني کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي، پر ڪنهن بہ دعوت قبول ڪرڻ بدران طائف جي اوباش ۽ بازاري ڇوڪرن کي اڀاري ڇڏيو. چنانچہ جڏهن پاڻ واپسيءَ جو ارادو فرمايو تہ اهي اوباش ڇوڪرا شور ڪندا پاڻ سڳورن جي پويان پئجي ويا. شور ٻڌي هڪ وڏو هجوم گڏ ٿي ويو، پوءِ معاملو اڳتي وڌيو ۽ اهي رستي ۾ ٻن صفن جي صورت ۾ ويهي ويا. جڏهن رحمت للعالمين صلي الله عليہ وسلم واپسيءَ لاءِ صفن جي وچ مان گذريا تہ قدم کڻڻ ۽ رکڻ وقت انهن بدبختن پاڻ سڳورن جي قدمن تي ايترا تہ پٿر وسايا جو پاڻ سڳورن جي قدمن مان رت جاري ٿي ويو، ايتري تائين جو پاڻ سڳورن جا نعلين مبارڪ رت سان ڀرجي ويا.
زيد بن حارثہ رضي الله عنه پاڻ صلي الله عليہ وسلم کي پٿرن کان بچائڻ لاءِ آڏو پئي آيو، ان ڪري سندن مٿي ۾ بہ ڪيترائي ڦٽ آيا.
الغرض بنو ثقيف اسلام جي دعوت کي رد ڪري ڇڏيو ۽ نبي صلي الله عليہ وسلم کي سخت زخمي ڪيو. بدڪردار ماڻهن اهو سلسلو ان وقت تائين جاري رکيو جيستائين طائف کان ٽي ميل پري هڪ باغ ۾، جيڪو عتبہ بن ربيعہ ۽ شيبہ بن ربيعہ جو هو، ۾ پاڻ نہ پهتا.
هتان کان اهو هجوم واپس هليو ويو تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم انگور جي ول جي ڇانوَ ۾ هڪ ڀت سان ٽيڪ لڳائي ويهي رهيا. جڏهن ڪجهہ

اطمينان ٿيو تہ بارگاهہ الاهي ۾ سان دعا گهريائون جيڪا "دعاءِ مستضعفين" جي نالي سان مشهور آهي:
اي الله! مان توسان پنهنجي ڪمزوري، تدبير جي ڪمي ۽ ماڻهن جي شڪايت ڪريان ٿو. اي سڀني ٻاجهارن کان وڌيڪ ٻاجهارا! تون ڪمزورن جو خاص مربي ۽ مددگار آهين ۽ تون ئي منهنجو بہ رب آهين. تون مونکي ڪنهن جي حوالي ڪندين؟ ڪنهن ڌوراهين دشمن جي حوالي جيڪو مونکي گهوري ڏسي ٿو، يا ڪنهن اهڙي دشمن جي حوالي جنهن کي منهنجي معاملي جو مالڪ بڻائي ڇڏيو اٿئي؟ جيڪڏهن تون مون کان ناراض ناهين تہ پوءِ مونکي ڪنهن جي بہ پرواهہ ناهي. پر تنهنجي عافيت ۽ سلامتي منهنجي لاءِ وڏي وسعت واري آهي. مان تنهنجي ان نور جي وسيلي سان پناهہ گهران ٿو جنهن سان اونداهيون روشن ٿي ويون ۽ جنهن تي دنيا ۽ آخرت جا معاملا درست ٿيا، ان ڳالهہ کان تہ تنهنجو غضب ۽ ناراضگي مون تي لهي. اصل مقصد توکي ئي پرچائڻ ۽ راضي ڪرڻ آهي. ٻانهي ۾ ڪنهن شر کان مڙڻ ۽ خير جي ڪرڻ جي طاقت ناهي پر جيتري تنهنجي بارگاهہ مان ملي وڃي.
عتبہ بن ربيعہ ۽ شيبہ بن ربيعہ جن جا دل پٿر کان وڌيڪ سخت هئا، ٻئي باغ ۾ ويٺا پاڻ صلي الله عليہ وسلم کي ڏسي رهيا هئا. پاڻ سڳورن کي ان حال ۾ ڏسي خوني رشتي ۽ قبائلي غيرت جوش ماريو ۽ انهن پنهنجي عيسائي غلام عداس کي حڪم ڏنو تہ ڪجهہ انگور ڪٽي هن شخص کي ڏئي اچ ۽ کيس چئو تہ انهن مان ڪجهہ ضرور کائي. حڪم موجب عداس انگورن جا ڪجهہ ڇڳا ڪٽي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سامهون پيش ڪيا. رسول الله صلي الله عليہ وسلم هٿ وڌايو ۽ "بسم الله الرحمٰن الرحيم" پڙهي انگور کائڻ شروع ڪيا.
پوءِ عداس حيران ٿي پاڻ صلي الله عليہ وسلم جي چهري مبارڪ ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين "الله جي قسم! هن شهر ۾ تہ ڪو بہ ماڻهو اهو جملو چوڻ وارو ناهي." رسول الله صلي الله عليہ وسلم کانئس پڇيو "تون ڪٿان جو رهواسي آهين؟ ۽ تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟" عداس جواب ڏنو "مان نينوا

(عراق ۾ موصل شهر) جو رهواسي آهيان ۽ عيسائي آهيان." رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو "ان نينوا جو، جتي الله جو نيڪ ٻانهو يونس بن متيٰ موڪليو ويو هو؟" عداس وڏي حيرانيءَ سان پڇيو "توهان يونس بن متيٰ کي ڪيئن ٿا ڄاڻو؟"

رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو "هو منهنجو ديني ڀاءُ هو، هو بہ نبي هو ۽ مان بہ نبي آهيان." اهو ٻڌي عداس رسول الله صلي الله عليہ وسلم تي جهڪي پيو، پاڻ سڳورن جي پيشاني، هٿن ۽ پيرن کي چميو ۽ ڪلمہ شهادت پڙهي ورتو. اهو ڏسي ربيعہ جي پٽن پاڻ ۾ چيو "هن شخص تہ هاڻي اسان جي غلام کي بہ بدلائي ڇڏيو." جڏهن عداس اتان اٿي پنهنجي مالڪن وٽ پهتو تہ عتبہ ۽ شيبہ چيو تہ "تون هن شخص جا هٿ ۽ پير ڇو پئي چميا؟"

عداس چيو "اي منهنجا مالڪ! روءِ زمين تي هن شخص کان بهتر ڪو ناهي، هن مونکي اهڙي ڳالهہ ٻڌائي آهي جنهن کي نبي کانسواءِ ڪو بہ نٿو ڄاڻي." انهن چيو "اي عداس! خبردار رهجانءِ، هي شخص ڪٿي توکي تنهنجي دين کان ڦيرائي نہ ڇڏي، تنهنجو دين ان جي دين کان بهتر آهي."

جڏهن رسول الله صلي الله عليہ وسلم ڪجهہ افاقو (بهتري) محسوس ڪيو تہ پاڻ واپس مڪي مڪرمہ جو سفر جاري ڪيو.

ام المؤمنين عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان مروي آهي تہ "مون هڪ ڀيرو عرض ڪيو اي الله جا رسول صلي الله عليہ وسلم! ڇا توهان تي غزوه احد کان بہ وڌيڪ سخت ڏينهن گذريو آهي؟" پاڻ فرمايو "تنهنجي قوم کان جيڪي تڪليفون مونکي پهتيون سو پهتيون، پر سڀ کان وڌيڪ سخت ڏينهن اهو گذريو جنهن ڏينهن مون پاڻ کي عبدياليليل جي پٽ تي پيش ڪيو، هن منهنجي دعوت کي قبول نہ ڪيو. مان اتان نهايت غمگين ۽ رنجيده واپس ٿيس، مقام قرن الثعالب ۾ پهچي ڪجهہ هوش آيو، اوچتو مون ڪنڌ مٿي ڪنيو تہ ڏٺم تہ هڪ بادل مون تي ڇانيل آهي ۽ ان ۾ جبرائيل عليہ السلام موجود آهن."

جبرائيل عليہ السلام اتان ئي مونکي آواز ڏنو تہ "توهان جي قوم توهان کي جيڪو جواب ڏنو آهي اهو الله ٻڌي ورتو آهي. هن وقت الله توهان ڏانهن ملڪ الجبال (جبلن جو فرشتو) موڪليو آهي تہ جيئن توهان کيس جيڪو چاهيو حڪم ڏيو." ايتري ۾ ملڪ الجبال مونکي آواز ڏنو ۽ سلام ڪيو ۽ چيائين "اي محمد صلي الله عليہ وسلم! مان ملڪ الجبال آهيان، تمام جبل منهنجي اختيار ۾ آهن، الله مونکي توهان ڏانهن موڪليو آهي، توهان جيڪو چاهيو مونکي حڪم ڪريو. جيڪڏهن توهان حڪم ڏيو تہ انهن ٻنهي جبلن کي، جن جي وچ ۾ مڪي وارا ۽ طائف وارا رهن ٿا، پاڻ ۾ ملائي ڇڏيان، جنهن سان تمام ماڻهو پيسجي وڃن." نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو "نہ، مان الله تعاليٰ مان اميد رکان ٿو تہ هو انهن جي نسلن مان اهڙا ماڻهو پيدا ڪندو جيڪي صرف الله واحد لاشريڪ جي عبادت ڪندا ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪندا."

رب جي موڪليل هن غيبي مدد سان پاڻ صلي الله عليہ وسلم جي دل مطمئن ٿي وئي ۽ طبيعت خوش ۽ تازي تواني ٿي وئي.

**رسول الله صلي الله عليہ وسلم طائف کي ڇو چونڊيو؟**

ڊاڪٽر علي محمد صلابي پنهنجي ڪتاب سيرت النبي ﷺ ۾ طائف جي چونڊ بابت لکي ٿو تہ طائف جو علائقو قريشي سردارن لاءِ هڪ دفاعي مرڪز جي حيثيت رکندو هو. ماضيءَ ۾ هنن طائف جي زمين تي قبضو ڪرڻ لاءِ وادي وج تي حملو بہ ڪيو هو تہ جيئن اهو زرخيز علائقو سندن قبضي ۾ اچي وڃي. بنو ثقيف خطرو محسوس ڪندي قريش سان معاهدو ڪري ورتو. ان ڪانسواءِ ڪيترن ئي دولتمند ماڻهن طائف ۾ ملڪيتون خريد ڪري رکيون هيون ۽ اونهاري جي مند اتي گذاريندا هئا.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو طائف طرف متوجهہ ٿيڻ هڪ سوچيل سمجهيل پروگرام هو. جيڪڏهن پاڻ اتي دعوتي مرڪز قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ها تہ قريش جا معاشي مفادات خطري ۾ اچي وڃن ها. نبي ﷺ جي هن سياسي ۽ دفاعي قدم مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ظاهري سبب اختيار ڪري هڪ اسلامي رياست يا طاقتور جماعت جو قيام

چاهيو پئي.

## طائف جو مرڪزِ اقتدار ڪٿي هو؟

بنومالڪ ۽ احلاف پراڻي زماني کان طائف جا رهواسي هئا. مذهبي ۽ سياسي قيادت انهن جي ئي هٿ ۾ هئي. پر طائف وارا هوزان، قريش ۽ بنو عامر کان ڊنل رهندا هئا، ان ڪري هنن مصالحت جي پاليسي اختيار ڪئي هئي. جڏهن رسول الله صلي الله عليہ وسلم طائف جو رخ ڪيو تہ پاڻ انهن معاهدن کان غافل نہ هئا. پاڻ ڄاڻندا هئا تہ جيڪڏهن ڪنهن هڪ کي بہ مائل ڪري ورتو تہ سياسي قوت مضبوط ٿي سگهي ٿي. ان ڪري پاڻ سڌو بنو عمرو بن عمير وٽ ويا جيڪي احلاف جا سردار هئا، ۽ بنو مالڪ ڏانهن رخ نہ ڪيو.

واپسيءَ ۾ پاڻ وادي نخله ۾ چند ڏينهن قيام ڪيو. هڪ رات پاڻ نماز پڙهي رهيا هئا تہ نصيبين جا ست جن اتان گذريا ۽ غور سان قرآن جي تلاوت ٻڌائون. الله تعاليٰ سوره احقاف جون آيتون ٢٨ کان ٣٤ نازل فرمايون.

حوالا:

المحبر، الاشارة الي سيرة المصطفیٰ وتاريخ من بعده من الخلفا، الطبقات الڪبريٰ (ابن سعد)، السيرة النبوية (ابن هشام)، الروض الانف، دلائل النبوة (بيهقي)، السيرة النبوية (ابن ڪثير)، وسيلة الاسلام، امتاع الاسماع، شرح الشفا، البدايہ والنهايہ، الاصابہ، عيون الاثر، السيرة الحلبية، صحيح بخاري، صحيح مسلم، مقومات الداعية الناجح، اصول الفڪر السياسي

# غزوه احد: هڪ عظيم معرڪو

سنڌيڪار: محمد سعيد سڪندري

غزوه جي معنيٰ اها جنگ جنهن ۾ حضور نبي اڪرم ﷺ جن پاڻ شريڪ ٿيا هجن ۽ ”احد“ هڪ جبل جو نالو آهي جيڪو مديني کان ٻه ميل، ڪن هنڌن تي ٽي ميل لکيل آهي ته ايترو پري آهي.

هن مقدس جبل جو ذڪر قرآن ۽ حديث ۾ موجود آهي. چنانچه قرآن ۾ سوره آل عمران ۾ جتي غزوه احد جو ذڪر آيو آهي اتي ان جو تفصيل ڏسي سگهجي ٿو ۽ حديث جو مفهوم آهي: ”احد اسان سان محبت رکي ٿو ۽ اسين احد سان.“

هڪ ٻي حديث جو مفهوم آهي: ”توهان جڏهن جبلِ احد تي اچو ته ان جي وڻ جو ڦل (ميوه) ضرور کائو توڙي جو وڻ ڪنڊن وارو ئي هجي.“ محدثين فرمائين ٿا ته احد جبل جي وڻن مان ڪجهه کائي وٺڻ مستحب آهي. هي جبل اڄ به پنهنجي اصل حالت ۾ موجود آهي.

معرڪه بدر ۾ مڪي جي ڪافرن کي شڪست جي خواريءَ جو منهن ڏسڻو پيو هو جنهن ۾ کين زبردست مالي ۽ جاني نقصان ٿيو هو. انتقام جي باهه سندن سينن ۾ ڀڙڪي رهي هئي، هو هر قيمت تي مسلمانن کان بدلو وٺڻ چاهين پيا. هو ان ڪوشش ۾ لڳل هئا ته ڪنهن طرح لڙائيءَ جا انتظام مڪمل ڪيا وڃن. هنن خاص طور تي تجارتي طبقي کان مالي مدد جي درخواست ڪئي هئي ته جيئن جنگي سامان خريد ڪيو وڃي.

چنانچه ٣ هجري شوال جي مهيني ۾ مديني جي مسلمانن ۽ مڪي جي ڪافرن جي وچ ۾ هي حق ۽ باطل جو معرڪو ظهور پذير ٿيو. هي معرڪو پنهنجي تفصيلن ۽ جزئيات ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هن غزوي جي مڪمل تفصيل حديث ۽ سيرت جي ڪتابن ۽ قرآن جي تفسيرن ۾ مڪمل طور تي موجود آهن، تنهن هوندي به هن مضمون ۾ انهن جو خلاصو پيش ڪيو پيو وڃي، جنهن جي بنياد تي هي عظيم معرڪو رونما ٿيو.

**اسباب:** غزوه بدر ۾ مڪي جي ڪافرن جا ستر ماڻهو جهنم رسيد ٿيا هئا، انهن ۾ سندن سردار ۽ اسلام جو سڀ کان وڏو دشمن ابوجهل بہ هو، ان ڪري انتقام هڪ فطري عمل هو ۽ هونئن بہ عرب ان وقت مقتولن جو بدلو وٺندا هئا ان ڪري هن انتظام ڪي هنن پنهنجي مٿان فرضِ عين ڄاتو. بدر جي انهن ستر مقتولن لاءِ ابوسفيان باس باسي هئي تہ جيستائين انهن مقتولن جو بدلو نہ وٺندس تيستائين غسل نہ ڪندس.

وارن ۾ تيل نہ لڳائيندس ۽ نہ ئي ڪپڙا بدلائيندس. هن جنگ جو بنيادي سبب بہ ڪفر ۽ اسلام جي باهمي رنجش هئي، قريش مڪہ اسلام ڪي هستيءَ تان مٽائڻ جا ارادا رکندا هئا ان ڪري هو مديني جي مسلمانن سان مقابلي لاءِ نڪتا. ستر ماڻهن جي مارجي وڃڻ جي ڪري مڪي جي هر گهر ۽ هر خاندان ۾ ماتم ڇانيل هو ۽ انتقامي باهہ هر سيني ۾ ڀڙڪي رهي هئي، چنانچہ اها ئي انتقامي ڇڙنگ غزوه احد جو سبب بہ بڻي.

محمد بن اسحاق کان منقول آهي: ”الله تعاليٰ غزوه احد جي شان ۾ قرآن حڪيم جي سوره آل عمران ۾ سٺ آيتون نازل فرمايون آهن.“ ۽ ابن ابي حاتم بہ طريق مسور بن مخرمہ روايت ڪئي آهي، هو چون ٿا تہ مون حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنه کي عرض ڪيو: ”توهان غزوه احد جو پنهنجو قصو بيان ڪريو.“ هنن فرمايو: ”توهان سوره آل عمران جون آيتون ١٢١ کان ١٥٣ تائين پڙهو توهان کي سڄو واقعو معلوم ٿي ويندو.“

**شروعاتي آيتن جو مفهوم:** ”۽ جڏهن تہ تون صبح سوير پنهنجي گهر کان نڪتو هئين (احد جي ميدان ۾) لڙائيءَ لاءِ مورچن تي مسلمانن کي ويهاري رهيو هئين ۽ الله سڀ ڪجهہ ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. پوءِ جڏهن ائين ٿيو هو تہ توهان مان ٻن جماعتن ارادو ڪيو هو تہ همت هاري ڏين حالانڪ الله مددگار هو ۽ جيڪي ايمان وارا آهن انهن کي گهرجي تہ هر حال ۾ الله تي ڀروسو رکن. ۽ ڏسو! همت نہ هاريو ۽ نہ ئي غمگين ٿيو، توهان ئي سڀ کان برتر ۽ اعليٰ آهيو بشرطيڪ توهان سچا مومن هجو، جيڪڏهن توهان (احد ۾) زخم کائين آهن تہ ٻين کي بہ (بدر ۾) اهڙا ئي زخم لڳا آهن دراصل هي (هار جيت) جا وقت آهن جن کي اسين انسانن ۾ هيڏانهن هوڏانهن

ڦيرائيندا رهون ٿا، ان کان علاوه هي ان ڪري هو تہ جيئن هن ڳالھہ جي آزمائش ٿي وڃي تہ ڪير سچو ايمان رکڻ وارو آهي ۽ ڪير ناهي، ۽ ان ڪري تہ توهان مان هڪ گروهہ کي شاهدِ حال بڻائي ڇڏي ۽ هي ظاهر آهي تہ الله ظلم ڪندڙن کي پسند نٿو رکي.“ (سوره آل عمران)

حضور ﷺ جن کي جڏهن ابوسفيان جي تياريءَ جو علم ٿيو تہ صحابہ ڪرام سان مشورو فرمايائون. وڏي عمر جي ۽ تجربيڪار صحابہ مشورو ڏنو تہ اسين مديني جي اندر رهندي دشمن جو مقابلو ڪنداسين، اسان جي هن عمل سان دشمن کي اها جرئت ئي نہ ٿيندي تہ هو مديني تي حملو ڪري ۽ جيڪڏهن هن حملو ڪيو بہ تہ شڪست کائي پٺي ويندو. اها ئي راءِ عبدالله بن ابي جي بہ هئي جنهن غزوه بدر کان پوءِ اسلام آندو هو ۽ هاڻي منافقن جو سردار هو.

ٻي راءِ ڏيندڙن ۾ اهي اصحاب بہ شامل هئا جيڪي ڪنهن وجهہ جي ڪري جنگِ بدر ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا هئا ۽ ڪجهہ اهڙا نوجوان بہ شامل هئا جيڪي جنگي جذبي سان ٽمٽار هئا، هاڻي انهن جي اڪثريتي راءِ ٿي وئي هئي جيڪا اها هئي تہ مديني کان ٻاهر نڪري اسلام جي دشمنن جو مقابلو ڪيو وڃي. حضور ﷺ جن جڏهن اڪثريت جو هي لاڙو ڏٺو تہ قبول فرمايائون ۽ حجري مبارڪ ۾ تشريف کڻي ويا.

تجربيڪار ۽ وڏن صحابہ اصغر (ننڍن) کي انهن جي راءِ تي ملامت ڪئي تہ هنن نبي اڪرم ﷺ جي لاڙي جي خلاف پنهنجي آزاد راءِ سان پاڻ ﷺ کي پريشان ڪيو. چنانچہ جڏهن پاڻ ﷺ حجري مان ٻاهر تشريف کڻي آيا تہ انهن نوجوانن شرمندگي جو اظهار ڪيو ۽ عرض ڪيو تہ توهان مديني ۾ رهي ڪري ئي دشمن جو مقابلو ڪريو. هي ٻڌي پاڻ ﷺ ارشاد فرمايو تہ هي ”نبي جي شان جي خلاف آهي تہ جڏهن خدا جي راهہ ۾ هٿيار پائي تيار ٿي وڃي تہ پوءِ حق ۽ باطل جي معرڪي کان سواءِ ئي انهن کي لاهي ڇڏي، هاڻي خدا جو نالو کڻي ميدان ۾ نڪرو.“ حضور ﷺ پنهنجي سان گڏ ١٠٠٠ جو لشڪر کڻي مديني مان نڪتا، عبدالله بن ابي جنهن دل سان اسلام نہ آندو هو، رستي تان ئي پنهنجا ٽي سئو ماڻهو کڻي نڪري

ويو تہ حضور ﷺ منهنجي راءِ تي نوجوانن جي راءِ کي ترجيح ڏني آهي. ان ڪري اسين پنهنجي جانين کي ڇو هلاڪت ۾ وجهون.

منافقن جي هن عمل سان مسلمانن کي وقتي طور تي هڪ ڌڪ تہ ضرور لڳو پر سندن ثابت قدميءَ ۾ لرزش نہ آئي ۽ سندن جهاد جي شوق کي وڌيڪ تيز ڪري منافقن جي مقصدن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. ٻي پاسي ابوسفيان جي قيادت ۾ ٽي هزار جو لشڪر هٿيارن سان ليس ڪمزور ۽ بي وس مسلمانن جي مقابلي لاءِ نڪتو، هن وڏي لشڪر سان گڏ ٢٠ مرثيا ڳائيندڙ عورتون بہ دف وڄائي پنهنجي بدر جي مقتولن جي موت تي شعر ڳائي فوج جي حوصلي کي بلند ڪري رهيون هيون. مسلمان نوجوانن ۽ ٻارن جو جذبو ڏسڻ وٽان ۽ واکاڻ جوڳو هو. جڏهن مديني کان ٻاهر نڪري حضور ﷺ جن فوج جو هڪ دفعو ٻيهر جائزو ورتو تہ اسلامي لشڪر ۾ ٧٠٠ ماڻهن ۾ ننڍي عمر جا بہ هئا.

پاڻ ڪريمن ﷺ انهن ڇوڪرن کي واپسي جو حڪم ڏنو تہ رافع جيڪو خديج جو پٽ هو، پيرن جي آڱرين تي بيهي پنهنجي قد جي ڊيگهہ جو ثبوت پيش ڪري جنگ ۾ شامل رهڻ جو جواز ڏنو ۽ جڏهن سمره بن جندب کي ننڍڙو شمار ڪيو ويو تہ هو روئڻ لڳو ۽ عرض ڪيائين: يا رسول الله ﷺ! جيڪڏهن رافع جنگ ۾ شريڪ ٿي رهيو آهي تہ مونکي ڇو جنگ مان ٻاهر ڪيو پيو وڃي جڏهن تہ مان ڪشتيءَ ۾ رافع کي ڪيرائي سگهان ٿو. اهڙي طرح انهن ٻنهي جي ڪشتي ڪرائي وئي ۽ سمره رافع کي ڪيرائي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جو اعزاز حاصل ڪري ورتو. هن ئي جنگ ۾ مسلمانن جي ٻن قبيلن بنو سلمہ ۽ بنو حارث ۾ ڪجهہ بددلي پيدا ٿي وئي هئي پر مسلمانن جي هن جوش ۽ جذبي کي ڏسي انهن جي همت ۽ ارادا بلند ٿي ويا.

٧ شوال تي مسلمانن جو لشڪر جهاد جي شوق ۽ باصلاحيت قيادت ۾ احد پهتو ۽ ٻئي صفون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي ويون. پاڻ ﷺ پنجاهہ تير اندازن جو هڪ دستو حضرت عبدالله بن جبير جي قيادت ۾ جبل جي لڪ تي مقرر ڪيو ۽ حڪم ڏنو تہ فتح هجي يا شڪست، هر حال

۾ پنهنجي جڳهہ نہ ڇڏجو، تہ جيئن پٺيان کو حملو نہ ڪري سگهي. ۽ پنهنجي تلوار حضرت ابودجانه کي عطا فرمائون.

قريش جي ٽي هزار تعداد ۾ ٻہ سئو گهوڙي سوار هئا، انهن جي ساڄي پاسي تي خالد بن وليد ۽ کاٻي پاسي تي عڪرمہ بن ابوجهل هئا. سوارن جي دستي تي عبدالله بن ربيعہ کي مقرر ڪيو ويو هو. ٻنهي پاسن کان حملي جي شروعات ٿي، مسلمانن وڏي جرئت سان دشمنن تي ڪاهہ ڪئي، حضرت حمزه حضور ﷺ جا چاچا ۽ ٽيج شريڪ ڀاءُ هئا، هنن ابودجانہ ۽ شيبہ سان گڏ بهادريءَ جا جوهر ڏيکاريا ۽ دشمنن جي صفن ۾ گهڙي ڪين پٺتي هٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، ان دوران هي ٽيئي فرد شهيد ٿي چڪا هئا. انصارن بہ خوب ڄمي مقابلو ڪيو ۽ ڪجهہ نوجوان شهيد ٿيا.

ڪافر ڀڄڻ لڳا تہ مسلمانن جو تير انداز دستو مالِ غنيمت ميڙڻ لاءِ ڊوڙيو تہ حضرت عبدالله بن جبير ڪين منع ڪيو تہ حضور ﷺ جن فرمايو هو تہ پنهنجي جڳهہ تان نہ هٽجو پر هو فتح جي جذبي سان اڳتي وڌي مالِ غنيمت ميڙيندا رهيا. خالد بن وليد جڏهن مسلمانن جي هيءَ حالت ڏٺي تہ پٺيان واري پاسي کان ادائي ميل جو چڪر ڪاٽي پنهنجي دستي کي ڪٽي آيو ۽ مسلمانن تي ڀرپور حملو ڪري ڏنائين جنهن سان مسلمانن ۾ پريشاني پکڙجي وئي ۽ مسلمانن جي فتح شڪست ۾ بدلجڻ لڳي، هن موقعي تي مسلمانن تي اهڙي شدت سان تير اندازي ٿي جو مسلمانن ۾ گهبراهٽ پکڙجي وئي، حضرت مصعب بن عمير مقابلو ڪندي شهادت جو جام پيتو، ان دوران دشمن پٿر هڻڻ شروع ڪري ڏنا.

روايت ۾ اچي ٿو تہ عمرو بن قميہ جو اڇلايل هڪ پٿر حضور ﷺ جي چهري انور تي لڳو جنهن سان توهان ﷺ جو ساڄي طرف جو هيٺيون هڪ ڏند شهيد ٿي ويو، ان دوران حنظلہ ، ابوسفيان تي حملو ڪيو پر شداد بن اسود پلي وار ڪيو جنهن سان پاڻ موقعي تي شهيد ٿي ويا. دشمن جي هن حملي وقت حضرت ابوبڪر، حضرت عمر، حضرت علي، حضرت طلحہ ، حضرت زبير رضوان الله عليهم جهڙا فداڪار ڍال بڻجي پاڻ ﷺ جي حفاظت ڪري رهيا هئا .

مالڪ بن سنان ۽ ابوعبيده زخمن کي صاف ڪيو. دشمنن جي پاسي کان مسلمانن تي مسلسل تير اندازي ٿي رهي هئي، حضرت طلحہ حضور ﷺ ڏانهن ايندڙ تير پنهنجي ڍال تي روڪيندا رهيا تہ اوچتو سندن هٿ مان ڍال ڪري پئي، ان کي کڻڻ جو موقعو بہ نہ مليو، پاڻ اهي تير پنهنجي ٻانهن تي روڪيندا رهيا جنهن سان سندن اهو هٿ سڄي ويو، پوءِ ان هٿ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو، حضرت طلحہ ان هٿ تي وڏو فخر ڪندا هئا تہ غزوه احد ۾ هن هٿ سان حضور ﷺ جي حفاظت ڪئي هئي.

احد جي ميدان ۾ ٧٠ وڏن صحابن شهادت ماڻي جن ۾ حضرت حمزه ، عبدالله بن جحش ۽ ابو دجانہ جهڙا وڏا صحابي شامل هئا. هن موقعي تي بہ عبدالله بن ابي سردارِ منافقين گهر گهر وڃي حضور ﷺ ۽ هن معرڪي بابت زهر اوڳڇيو، ۽ چيو تہ اوس ۽ خزرج جو ڪيڏو وڏو نقصان ٿيو آهي، جيڪڏهن اسان وانگر موٽي اچن ها تہ هي مالي ۽ جاني نقصان نہ ٿئي ها.

رسول الله ﷺ جي عاشقن ۽ شهادت جي جذبي سان ٽمٽار شمعِ رسالت جي پروانن منافقن کي اهڙو منهن ٽوڙ جواب ڏنو جو هو اهڙي زخمي حالت ۾ مڪي جي مشرڪن جي پويان نڪري پيا. حضور ﷺ پنهنجي زخمي صحابهڪي خطاب ڪندي فرمايو: ”مسلمانو! اسان جو دشمن ميدان مان ڀڄي ويو آهي اسين انهن جو پيڇو ڪنداسين ۽ ڏسو! هن مهم ۾ صرف ان شخص کي شرڪت جو حق هوندو جيڪو احد جي ميدان ۾ اسان سان گڏ هو. تمام زخمين هڪ آواز ٿي چيو: لبيڪ يا رسول الله ﷺ! اسين حاضر آهيون.“

ماڻهن پنهنجي زخمن تي پٽيون ٻڌيون، پنهنجا هٿيار درست ڪيا، ۽ رسول الله ﷺ جي پويان هلي پيا. مديني کان اٺن ميلن تائين ان حالت ۾ مڪي جي مشرڪن جو پيڇو ڪندا رهيا جو پٺين جي ڪري اڪثر جي سجاٽپ بہ مشڪل ٿي رهي هئي تہ جيئن دنيا ڏسي وٺي تہ مسلمانن پنهنجي نبي ﷺ جي قيادت ۾ ڪنهن غزوي ۾ نقصان پليءِ ڪنيو هجي پر شڪست ناهي کاڌي. هي غزوه احد مڪي جي مشرڪن سان ٻيو ۽ آخري مقابلو نہ هو پر هي هڪ ٻي وڏي جنگ جو آغاز ثابت ٿيو جنهن ۾ ٻين قبيلن بہ حصو ورتو.

# خطبه حجة الوداع حقوق انساني جو پهريون عالمي منشور

ڊاڪٽر سليس سلطانه چغتائي
فيض محمد سڪندري

اسلام جا عقيدا، اعمال ۽ شريعت جا اصول ۽ فروع مڪمل ٿي ويا. مديني ۾ اسلامي رياست جو قيام عمل ۾ اچي ويو ۽ ساري عالم جي رهنمائيءَ لاءِ هڪ پاڪيزه جماعت تيار ٿي وئي ته الله جو فرمان نازل ٿيو: ”جڏهن خدا جي مدد اچي وئي ۽ مڪو فتح ٿي چڪو ۽ توهان ڏسي ورتو ته ماڻهو جوق در جوق الله جي دين ۾ داخل ٿي رهيا آهن. پاڻ خدا جي حمد جي تسبيح پڙهن ۽ استغفار ڪن. الله توبه قبول ڪندڙ آهي“ (سوره نصر).

هن سورت جي نزول سان حضور اڪرم ﷺ ڄاڻي ويا هئا ته رخصتيءَ جو وقت اچي ويو آهي. ان ڪري ضروري هو ته شريعت ۽ اخلاق جا تمام اساسي اصول مجمع عام ۾ پيش ڪيا وڃن. هجرت کان پوءِ هڪ مدت گذري وئي هئي، تقريباً ۹ سال ٿي چڪا هئا پر پاڻ ﷺ فريضہ حج ادا نہ فرمايو هو. چنانچہ ذي القعده ۱۰ هجريءَ ۾ اعلان ٿيو ته حضور اڪرم ﷺ حج جي ارادي سان مڪي تشريف کڻي وڃي رهيا آهن. هن خبر جي عام ٿيندي ئي تمام عرب پاڻ ﷺ سان گڏ حج ڪرڻ لاءِ آيو. پاڻ ﷺ ۲۶ ذي القعده تي غسل فرمائي احرام جي چادر ۽ تهبند ٻڌو، نماز ظهر کان پوءِ مديني منوري کان روانگي ٿي. تمام ازواج مطهرات گڏ هيون. مديني کان ڇهه ميل پري ذوالحليفه، جيڪو مديني منوري جي ميقات آهي، اتي پهچي سڄي رات قيام فرمايو. ان کان پوءِ ٻہ نفل ادا فرمايا، احرام جي نيت فرمائي ۽ قصويٰ ڏاچيءَ تي سوار ٿي بلند آواز ۾ تلبيه پڙهيائون:

”اي الله! اسين تنهنجي سامهون حاضر آهيون، اي الله! تنهنجو ڪو شريڪ ناهي، اسين حاضر آهيون، تعريف ۽ نعمت سڀ تنهنجي ئي آهي ۽ سلطنت ۾ تنهنجو ڪو شريڪ ناهي.“

پاڻ ﷺ سان گڏ تقريباً سوا لک ماڻهو هئا. مڪي مڪرم جي ويجهو سرف (وادي فاطم) ۾ پهچي غسل فرمايائون. ٻئي ڏينهن ۴ ذي الحج صبح جي وقت مڪي معظم ۾ داخل ٿيا. مديني منوري کان مڪي مڪرم جو هي سفر ۹ ڏينهن ۾ طئي ٿيو. جڏهن ڪعبي شريف تي نظر پئي ت فرمايائون: ”يا الله! هن گهر جي عزت ۽ شرف کي دوبالا ڪري ڇڏ.“ پوءِ ڪعبي شريف جو طواف ادا ڪيو. پهريان ٽي چڪر رمل (ڪنڌ هلائي ۽ اڪڙجي هلڻ) سان ۽ باقي چار چڪر عام چال سان پورا فرمايائون. طواف کان فارغ ٿي مقام ابراهيم تي تشريف ڪٽي آيا ۽ هيءَ آيت پڙهيائون، ترجمو: ”۽ مقام ابراهيم کي سجدو ڪرڻ جي جڳھ بڻايو.“

هتي ٻ نفل ادا ڪيائون، پهرين رڪعت ۾ قل يا ايها الڪافرون ۽ ٻي ۾ قل هو الله احد پڙهيائون. ان کان پوءِ سعيءَ لاءِ صفا ۽ مروه تشريف ڪٽي ويا. ست چڪر ادا ڪرڻ کان پوءِ اعلان فرمايائون ت جن وٽ قربانيءَ جا جانور آهن اهي احرام ن کولين ۽ باقي ماڻهو حجامت ڪرائي احرام کولي ڇڏين. حضرت علي جن کي حضور اڪرم ﷺ يمن مان قربانيءَ جا اٺ آڻڻ لاءِ موڪليو هو، اهي هڪ سئو اٺ ۽ يمن جي حجاج جو قافلو وٺي تشريف ڪٽي آيا. خميس ڏينهن ۸ ذي الحج صبح جو سج اڀرڻ کان پوءِ پاڻ ﷺ منىٰ تشريف ڪٽي ويا، جتي ظهر، عصر، مغرب، عشاءَ ۽ نو ذي الحج جي فجر جي نماز ادا فرمائي. جمعي جي ڏينهن ۹ ذي الحج منىٰ کان عرفات ڏانهن روانا ٿيا.

نمره ۾ ڪمبل جو هڪ خيمو نصب ڪيو ويو، اتي قيام فرمايائون. زوال جي وقت ڏاچيءَ تي سوار ٿي ميدانِ عرفات ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ ڏاچيءَ تي ئي خطبو ارشاد فرمايائون. هي اهو خطبو هو جيڪو پاڻ ﷺ جي ۲۳ سال مبلغان ڪوششن جو حاصل آهي. هي خطبو انفرادي ۽ اجتماعي سطح تي اخلاقي اصولن، سٺي معاشرت جي ضابطن جو جامع دستور العمل ۽ عالمي انساني منشور جي حيثيت رکي ٿو. پاڻ ﷺ فرمايو:

”سڀ تعريف الله لاءِ آهي، اسين ان کان ئي مدد گهرون ٿا، ان جي ئي

حمد و ثناءَ ڪريون ٿا، الله ڪان سواءِ ڪو معبود ناهي، هو هڪ آهي، ڪو ان جو شريڪ ناهي، جنهن کي الله هدايت ڏئي ان کي ڪو راهہ تان ڀٽڪائي نٿو سگهي ۽ جنهن کي هو گمراهہ ڪري ڇڏي ان کي ڪو هدايت نٿو ڏئي سگهي. ماڻهؤ! منهنجي ڳالهہ غور سان ٻڌو، ڪهڙي خبر هن سال ڪان پوءِ هن جڳهہ تي منهنجي تنهنجي ملاقات نہ ٿي سگهي، ماڻهؤ ! حج جا مسئلا مون ڪان سکي وٺو، شايد ان ڪان پوءِ مونکي ٻئي حج جي نوبت نہ اچي.“

ماڻهؤ! الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ ”انسانو! اسان توهان سڀني کي هڪ ئي مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو آهي، توهان کي جماعتن ۽ قبيلن ۾ ان ڪري ورهايو آهي تہ جيئن توهان الڳ سڃاتا وڃو. الله جي نظر ۾ سڀ ڪان وڏيڪ معزز ۽ مڪرم اهو ئي آهي جيڪو الله ڪان سڀ ڪان وڏيڪ ڊڄي ٿو. ڪنهن عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ عجميءَ کي عربيءَ تي فوقيت ناهي، نہ ڪارو گوري تي فضيلت رکي ٿو نہ گورو ڪاري تي، بزرگي ۽ فضيلت صرف تقويٰ جي بنياد تي آهي.“ سڀ انسان آدم جي اولاد آهن ۽ آدم مٽيءَ مان بڻايو ويو. جاهليت ۾ فضيلت ۽ برتريءَ جا سڀ دعويٰ منهنجي قدمن هيٺان ختم ٿي ويا آهن، بس بيت الله جي توليت ۽ حاجين کي پاڻي پيارڻ جون خدمتون باقي رهنديون. قتلِ عمد جو قصاص ورتو ويندو، ان جي ديت سئو اٺ آهي. هر قسم جو وياج، ان جي ڏي وٺ اڄ ڪان ممنوع آهي. زمانہ جاهليت جا تمام وياجي ڪاروبار هاڻي باطل آهن ۽ جتي عباس بن عبدالمطلب جي وياج جو تعلق آهي تہ اهو تمام جو تمام ختم ٿيل آهي. زمانہ جاهليت جا تمام خون (بدلو ۽ انتقام) هاڻي ختم آهن ۽ مان پنهنجي خاندان جي ربيعہ بن حارث جو خون معاف ڪريان ٿو.

” ماڻهؤ! هاڻي زمانو گهمي ڦري ان جڳهہ تي اچي ويو آهي، جتان ڪائنات جي پيدائش ٿي هئي. مهينن جو تعداد ٻارهن ۽ چار مهينا حرام آهن يعني ذي القعده، ذي الحجہ، محرم ۽ رجب. حج قيامت تائين هاڻي ذي الحجہ جي مهيني سان مخصوص رهندو.“ ماڻهؤ! توهان جي جان، مال ۽ عزت هڪ ٻئي تي قطعي حرام ڪيا ويا آهن ۽ هي اهڙي طرح محترم آهن جيئن اڄ جو ڏينهن، اڄ جو مهينو ۽ اڄ هي مقام محترم آهي. ڪنهن

مسلمان لاءِ هي جائز ناهي تہ هو ٻئي مسلمان جو خون حلال سمجهي. مسلمان اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي زبان ۽ هٿ سان ٻئي مسلمان کي محفوظ رکي ۽ مجاهد اهو آهي جيڪو اطاعت الاهيءَ جي خاطر نفس ڪشي ڪري. خبردار! جيڪڏهن ڪنهن وٽ امانت رکائي وڃي تہ هو ان کي موٽائڻ جو پابند آهي. ضامن ضمانت جو ذميوار آهي ۽ مجرم پنهنجي جرم جو پاڻ ذميوار آهي. نہ پيءُ جو بدلو پٽ کان ۽ نہ پٽ جو بدلو پيءُ کان ورتو ويندو.

ماڻهؤ! سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن. پنهنجن غلامن جو خيال رکو، ها غلامن جو خيال رکو، جيڪو پاڻ کائو ٿا اهو انهن کي کارايو، اهڙو ئي پارايو جهڙو پاڻ پائيو ٿا. ”ٻار ان ڏانهن منسوب ڪيو ويندو جنهن جي بستر تي هو پيدا ٿيو. جنهن تي حرام ڪاري ثابت ٿئي ان جي سزا پٿر آهي ۽ ان جو حساب الله جي ذمي آهي. جيڪو پنهنجو نسب بدلائيندو يا ڪو غلام پنهنجي آقا جي مقابلي ۾ ڪنهن ٻئي کي پنهنجو آقا ظاهر ڪندو ان تي الله جي، ان جي فرشتن جي ۽ تمام انسانن جي لعنت هوندي ۽ قيامت جي ڏينهن ان کان ڪو بدلو يا ڪو معاوضو قبول نہ ڪيو ويندو.

ماڻهؤ! ”عورتن جي باري ۾ الله کان ڊڄو، انهن سان حسنِ سلوڪ ڪريو ڇو تہ اهي الله جي ڪلام جي تحت توهان تي حلال ڪيون ويون. جيڪڏهن اهي فرمانبرداري ڪن تہ انهن تي ڪنهن بہ قسم جي زيادتيءَ جو توهان کي ڪو حق ناهي. انهن جو کاڌو ۽ ڪپڙو توهان جي ذمي آهي. عورت لاءِ هي جائز ناهي تہ هوءَ پنهنجي مڙس جو مال ان جي اجازت کان سواءِ ڪنهن کي ڏئي يا ڪنهن اهڙي شخص کي توهان جي غير موجودگيءَ ۾ گهرائي جنهن کي توهان پسند نٿا ڪريو، يا بي حيائي ۽ بدڪاريءَ جا ڪم ڪري. جيڪڏهن اهي هي سڀ ڪن تہ توهان انهن تي سختي ڪريو ۽ کين بسترن تي اڪيلو ڇڏي ڏيو.“

ماڻهؤ! ”پنهنجي پروردگار جي عبادت ڪريو، پنج وقت نماز ادا ڪريو، رمضان جا روزا رکو، پنهنجي رب جي گهر جو حج ڪريو، پنهنجي زڪوات خوشي خوشي ڏيو ۽ پنهنجي حاڪمن جي اطاعت

ڪريو، پنهنجي رب جي جنت ۾ داخل ٿي وڃو.“

ماڻهؤ! الله کان ڊڄو، ناپ تور ۾ گھٽتائي نہ ڪريو، ملڪ ۾ فساد ڪندا نہ ڦرو، دين ۾ غلو (حد کان وڌڻ) کان بچو.“

ماڻهؤ! ”شيطان هن ڳالهہ تان بيشڪ بلڪل مايوس ٿي چڪو آهي تہ توهان جي هن سرزمين تي ڪڏهن ان جي پوڄا ڪئي ويندي پر هوشيار رهجو ۽ پنهنجي دين ۽ ايمان جي حفاظت خاطر ان کان بچندا رهجو. الله جي نالي تي ڪوڙيون قسمون نہ کڻو. مون توهان جي وچ ۾ هڪ اهڙي شيءِ ڇڏي آهي تہ توهان ڪڏهن گمراهہ نہ ٿيندؤ جيڪڏهن ان کي مضبوطيءَ سان جهلي رکيو ۽ اها آهي الله جو ڪتاب ۽ ان جي نبي ﷺ جي سنت. خبردار! منهنجي پٺيان ڪٿي ڪافر نہ بڻجي وڃجو تہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جون گردنون هڻڻ لڳو. ماڻهؤ! توهان پنهنجي رب سان ملندؤ تہ الله توهان کان توهان جي عملن بابت ضرور پڇاڻو ڪندو. پوءِ جيڪو آخرت کي ئي سامهون رکندو تہ الله ڪيس دل جي جمعي عطا ڪندو ۽ ڪيس دنيا ۾ تونگري (مالداري) ۽ بي نيازي عطا ڪندو ۽ دنيا ان جي قدمن ۾ جهڪي پاڻ ايندي. پر جيڪو دنيا کي ئي محبوب ۽ مقصد قرار ڏيندو تہ الله ان جي معاملن کي پکيڙي ڇڏيندو ۽ اهو شخص دنيا ۾ افلاس ۽ تنگدستي ڏسندو. دنيا مان اوترو ئي حصو ملندو جيتري سندس مقدر ۾ لکي وئي آهي. ماڻهؤ! جيڪي هتي موجود آهن اهي غير حاضرن تائين منهنجون ڳالهيون پهچائي ڇڏين.“ پوءِ پاڻ ﷺ فرمايو: ”اي الله! مون تنهنجو پيغام پهچائي ڇڏيو.“ پوءِ پاڻ ﷺ ماڻهن کان پڇيو: ”ڇا مون الله جو پيغام توهان تائين چڱي طرح پهچائي ڇڏيو؟“ سڀني اقرار ڪيو: ”بيشڪ اي الله جا رسول ﷺ.“ تڏهن پاڻ ﷺ فرمايو: ”اي الله! تون گواهہ رهجانءِ.“ حجة الوداع جو هي خطبو امن، سلامتي، تهذيب، معاشرت ۽ انساني حقن جو اهڙو پيغام آهي جيڪو پنهنجي جزئيات جي اعتبار کان انتهائي مڪمل ۽ جامع آهي.

خطبي کان فارغ ٿي حضرت بلال کي اذان جو حڪم ڏنائون. پوءِ ظهر ۽ عصر جي نماز هڪ ئي وقت ادا ڪيائون. پوءِ موقف ۾ تشريف کڻي آيا

۽ دير تائين قبلي ڏانهن منهن ڪري دعا ۾ مصروف رهيا. جڏهن سج ٻڏڻ لڳو تہ هلڻ جي تياري ڪيائون. اسامہ بن زيد کي اٺ تي پويان ويهاريائون. مزدلفه پهچي مغرب ۽ عشاءَ جي نماز ادا ڪيائون. رات آرام فرمائڻ کان پوءِ صبح جو نماز پڙهي سج اڀرڻ کان پهريان منيٰ واپس تشريف کڻي آيا، ان وقت فضل بن عباس ڏاچيءَ تي پويان ويٺل هئا. وادي محسر ۾ ابن عباس کي حڪم ڏنائون تہ مونکي پٿريون (ڪنڪريون) چونڊي ڏيو. جمره عقبہ جي رمي کان فارغ ٿي ميدانِ منيٰ ۾ تشريف کڻي آيا، حضرت بلال کي ڏاچي جي مهار جهليل هئي.

پاڻ ﷺ سئو اٺن جي قرباني ڪئي. ٦٣ اٺ پاڻ ﷺ پنهنجي مبارڪ هٿ سان نحر (ذبح) ڪيا ۽ ٣٧ جي سيد حضرت علي قرباني ڪئي. قربانيءَ کان فارغ ٿي مٿي جا وار مبارڪ معمر بن عبدالله لاٿا. محبت جي ڪري ابو طلحہ ۽ سندس گهرواري ام سليم کي پنهنجي مبارڪ هٿ سان ڪجھ وار عنايت ڪيائون ۽ باقي وار ابو طلحہ پنهنجي هٿ سان تمام مسلمانن ۾ هڪ هڪ ٻہ ٻہ ڪري ورهايا. ان کان پوءِ پاڻ ﷺ طوافِ زيارت ڪيو. آبِ زمزم تي تشريف کڻي آيا. سيد عباس ڏول ۾ پاڻي ڪڍي پيش ڪيو. پاڻ ﷺ قبلي ڏانهن منهن ڪري پيتائون ۽ منيٰ واپس تشريف کڻي وڃي ظهر جي نماز ادا ڪيائون. ١٣ ذي الحجہ تائين منيٰ ۾ قيام فرمايائون. زوال کان پوءِ منيٰ کان هلي وادي محصب (معابده) ۾ قيام ڪيائون. رات اتي گذاريائون ۽ سحريءَ جي وقت مڪي تشريف کڻي آيا. ڪعبي شريف جو الوداعي طواف ادا ڪيائون ۽ صبح جو نماز کان پوءِ مديني روانا ٿي ويا.

# امام بخاري رضي الله عنه جي زندگي مبارڪ

مولانا محمد رحيم سڪندري

**سلسله نسب:**

امام بخاري رضي الله عنه جو سلسله نسب هي آهي:
ابو عبدالله محمد (امام بخاري) بن اسماعيل بن ابراهيم بن مغيره بن بردزبہ البخاري الجعفي. امام بخاري جي والد حضرت اسماعيل کي جليل القدر عالمن ۾ امام مالڪ رضي الله عنه جي شاگرديءَ جو بہ شرف حاصل هو.

**پيدائش:**

امام بخاري ١٣ شوال ١٩٤ هجري (٢٠ جولاءِ ٨١٠عيسوي) تي جمعي جي نماز کان پوءِ بخارا ۾ پيدا ٿيو. امام بخاري اڃا ننڍي عمر جو ئي هو تہ شفيق پيءُ جو سايو مٿان کان کڄي ويو ۽ تعليم و تربيت لاءِ صرف والده جو ئي سهارو باقي رهجي ويو. شفيق پيءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ماءُ امام بخاري جي پرورش شروع ڪئي ۽ تعليم و تربيت جو اهتمام ڪيو. امام بخاري اڃا چڱي طرح اکيون کوليون بہ نہ هيون تہ نظر هلي وئي. هن المناڪ حادثي سان والده کي سخت صدمو پهتو.

هنن الله جي بارگاهہ ۾ دانهون ڪيون، عجز و نياز جو دامن پڪيڙي پنهنجي بي مثال پٽ جي نظر لاءِ دعائون گهريون. هڪ مضطرب، بي قرار ۽ بي سهاره ماءُ جون دعائون قبول ٿيون. هنن هڪ رات حضرت ابراهيم خليل الله عليہ السلام کي خواب ۾ ڏٺو تہ فرمائي رهيا هئا: ”وڃ اي نيڪ سيرت! تنهنجون دعائون قبول ٿيون. تنهنجي اکين جي نور ۽ لختِ جگر کي الله تعاليٰ وري اکين جي روشني عطا ڪري ڇڏي آهي.“ صبح جو اٿي ڏسن ٿيون تہ پٽ جي اکين جو نور موٽي آيو آهي.

سبحان الله، حضرت احمد بن حفص چيو تہ مان حضرت اسماعيل وٽ ”سندن وفات وقت“ ويس، جيڪي امام بخاري جا والد هئا، هنن چيو تہ مان نٿو سمجهان تہ منهنجي مال ۾ ڪو روپيو حرام يا شڪ وارو هجي (يعني

سندن پرورش حلال مال سان ٿي). حضرت وراق فرمائي ٿو تہ امام بخاري کي پنهنجي پيءُ جي ورثي مان گهڻو مال مليو هو. غنجار پنهنجي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ هڪ دفعو امام بخاري وٽ ڪجھ واپار جو مال آيو. تاجرن پنجن هزارن جي نفعي سان اهو گهريو. پوءِ ٻئي ڏينهن ڪجھ ٻين تاجرن ڏهن هزارن جي نفعي جي آڇ ڪئي تہ امام صاحب فرمايو: ”مون پهرين تاجرن کي ڏيڻ جي نيت ڪري ورتي هئي.“ آخر انهن کي ئي ڏئي ڇڏيائين ۽ وڏيڪ پنجن هزارن جو نفعو ڇڏي ڏنائين.

امام بخاري رضي الله عنه کي پنهنجي والد جي ورثي مان ڪافي دولت ملي هئي. پاڻ ان سان تجارت ڪندا هئا. هن آسودي حاليءَ جي باوجود پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجي عيش و عشرت جو اهتمام نہ ڪيو، جيڪا ڪجھ آمدني ٿيندي هئي اها علم حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ ڪندا هئا. غريب ۽ ضرورت مند شاگردن جي مدد ڪندا هئا، غريبن ۽ مسڪينن جي مشڪلاتن ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيندا هئا. هر قسم جي معاملن ۾ پاڻ ٻي حد احتياط ڪندا هئا.

حضرت عبدالله بن محمد صيارفي رحمة الله عليه فرمائي ٿو تہ مان امام بخاري سان گڏ سندن مڪان ۾ ويٺو هوس، ايتري ۾ سندن ٻانهي آئي ۽ اندر وڃڻ لڳي. سامهون هڪ مس جي دات رکي هئي ان کي ٺاپو لڳو. امام بخاري چيو تہ تون ڪيئن هلندي آهين؟ هن چيو تہ جڏهن رستو نہ هجي تہ ڪيئن هلان؟ هي ٻڌي امام بخاري پنهنجا ٻئي هٿ پکيڙي ڇڏيا ۽ چيو: ”وڃ مان توکي آزاد ڪري ڇڏيو.“ ماڻهن چيو اي ابو عبدالله! هن ٻانهي تہ توهان کي ڪاوڙ ڏياري آهي. پاڻ چيو تہ مون هن ڪم سان پنهنجي نفس کي راضي ڪري ورتو آهي.

حضرت وراق فرمائي ٿو تہ امام بخاري تمام گهٽ خوراڪ وٺندا هئا، شاگردن سان تمام گهڻو احسان ڪندا هئا ۽ نهايت سخي هئا. هڪ دفعو امام بخاري بيمار ٿيا. سندن قاروره (پيشاب جي رپورٽ) طبيبن کي چيڪ ڪرائي وئي تہ انهن چيو هي قاروره تہ ان شخص جو آهي جنهن ڪڏهن ٻوڙ نہ کاڌو هجي. پوءِ امام بخاري انهن جي تصديق ڪئي ۽ چيو تہ چاليهن سالن کان مون ٻوڙ ناهي کاڌو (يعني رُکي مانيءَ تي قناعت ڪئي). طبيبن

چيو هاڻي توهان جي بيماري جو علاج هي آهي تہ ٻوڙ ڪائيندا ڪريو. امام بخاري قبول نہ فرمايو. وڏي اصرار سان هي قبول ڪيائون تہ مانيءَ سان ڪجهہ ڪجور ڪائي وٺندا. محمد بن منصور فرمائي ٿو تہ اسان ابو عبدالله بخاري جي مجلس ۾ هئاسين. هڪ شخص سندن ڏاڙهيءَ مان ڪجهہ ڪچرو ڪڍيو ۽ زمين تي اڇلائي ڇڏيو. امام بخاري جڏهن ماڻهن کي غافل ڏٺو تہ ان کي کڻي پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏيائون. جڏهن مسجد مان ٻاهر نڪتا تہ ان کي اڇلائي ڇڏيائون (ڄڻ تہ مسجد جو ايترو احترام ڪيائون).

**امام بخاري جو حافظو:**

امام بخاري کي الله تعالىٰ غير معمولي حافظو ۽ ذهن عطا ڪيو هو. هڪ مرتبو بغداد آيا، محدث گڏ ٿيا ۽ پاڻ جو امتحان وٺڻ چاهيو، امتحان جي ترتيب هيءَ رکي وئي تہ ڏهن ماڻهن ڏهہ ڏهہ حديثون کڻي سندن سامهون پيش ڪيون، انهن حديثن جو متن (عبارت) ۽ سندن (روايت جي سلسلي) کي بدلايو ويو، متن هڪ حديث جو ۽ سند ٻي حديث جي لڳائي وئي. امام بخاري حديث ٻڌندا ويا ۽ چوندا ويا، مونکي هن حديث بابت علم ناهي. جڏهن سڀ محدث پنهنجون ڏهہ ڏهہ حديثون ٻڌائي چڪا ۽ هر هڪ جي جواب ۾ امام بخاري چيو تہ مونکي ان جو علم ناهي، تہ سڀ ماڻهو مٿن بدظن ٿيا ۽ چوڻ لڳا تہ هي ڪهڙو امام آهي جو ١٠٠ حديثن مان ڪجهہ حديثون بہ نٿو ڄاڻي.

امام بخاري پهرئين شخص سان مخاطب ٿي چوڻ لڳا تہ تو پهرين حديث ائين ٻڌائي هئي ۽ پوءِ صحيح حديث ٻڌائي، ٻي حديث بابت فرمايو تہ تو هيءَ حديث هن طرح ٻڌائي هئي جڏهن تہ صحيح هيءَ آهي ۽ پوءِ صحيح حديث ٻڌائي، مطلب تہ امام بخاري ڏهن ئي ماڻهن جون مڪمل حديثون پهريان انهن جي رد و بدل سان ٻڌايون ۽ پوءِ صحيح اسناد سان حديثون ٻڌايون.

هن مجلس ۾ امام صاحب جي هن طرح حديثن جي صحت تي سڄو مجمع حيران ۽ خاموش هو، علامہ ابن حجر عسقلاني هي واقعو لکڻ کان

پوءِ فرمائي ٿو، هتي امام بخاري جي امامت تسليم ڪرڻي پوي ٿي. تعجب هي ناهي تہ امام بخاري غلط حديثن جي تصحيح ڪئي ڇاڪاڻ تہ هو تہ هئا ئي حافظِ حديث، تعجب تہ ان ڪرامت تي آهي تہ امام بخاري هڪ ئي دفعي ۾ انهن جي بيان ڪيل ترتيب مطابق اهي تمام تبديل ٿيل حديثون بہ ياد ڪري ورتيون. (فتح الباري، شرح صحيح بخاري)

پاڻ جي سڀ کان بلند پايي تصنيف صحيح بخاري آهي. پاڻ بخاري جي ترتيب ۽ تاليف ۾ صرف علميت، ذهانت ۽ حفظ جو ئي زور خرچ نہ ڪيو پر خلوص، ديانت، تقويٰ ۽ طهارت جا بہ آخري مرحلا ختم ڪري ڇڏيا ۽ اهڙي شان سان ترتيب و تدوين جو آغاز ڪيو جو جڏهن هڪ حديث لکڻ جو ارادو ڪندا هئا تہ پهريان غسل ڪندا هئا، ٻہ رڪعتون نماز استخاره پڙهندا هئا، رب جي بارگاهہ ۾ سجدو ڪندا هئا ۽ ان کان پوءِ هڪ حديث تحرير فرمائيندا هئا. هن سخت ترين محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ سورهن سالن جي طويل مدت ۾ هي ڪتاب مڪمل ٿيو.

۽ هڪ اهڙي تصنيف دنيا ۾ اچي وئي جنهن جو هي لقب قرار ڏنو ويو: ”اصح الڪتب بعد ڪتاب الله“ يعني الله تعالىٰ جي ڪتاب (قرآن مجيد) کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ صحيح ڪتاب آهي. امت جي هزارين محدثن سخت کان سخت ڪسوٽيءَ تي پرکيو ۽ جاچيو پر جيڪو لقب هن مقدس تصنيف لاءِ الله طرفان مقرر ٿي چڪو هو اهو پٿر تي ليڪو بڻجي ويو.

**امام بخاري جي شرط جو بيان:**

پاڻ اها ئي حديث بيان ڪندا هئا جنهن کي ثقہ (اعتبار جوڳي) کان ثقہ مشهور صحابي تائين روايت ڪيو هجي ۽ معتبر ثقات ان حديث ۾ اختلاف نہ ڪندا هجن ۽ سلسلہ اسناد متصل هجي. جيڪڏهن صحابي کان ٻہ شخص راوي هجن تہ بهتر ورنہ هڪ معتبر راوي بہ ڪافي آهي. امام مسلم، امام بخاري کان علمِ حديث حاصل ڪيو ۽ فائدو ورتو پر اهي امام بخاري جي اڪثر استادن جا بہ شاگرد آهن (يعني ٻنهي هڪ ئي استادن کان علم حاصل ڪيو) ۽ انهن ٻنهي جا ڪتاب قرآن مجيد کان پوءِ تمام ڪتابن کان وڌيڪ صحيح آهن. عالمن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ صحيح بخاري

صحت ۾ صحيح مسلم کان افضل آهي. بخاري شريف کان سواءِ بہ امام صاحب جون ٢٢ اهم ۽ بلند پايي تصنيفون آهن. سندن درس گاهون گهڻو ڪري بصره، بغداد ۽ بخارا ۾ رهيون، پر دنيا جو غالباً ڪو اهڙو حصو ناهي جتي امام بخاري جا شاگرد سلسلي وار نہ پهتا هجن.

**حق جي طلبگار ڪي دنيا ۾ بہ ڪتاب ئي ڪافي آهن!**

هڪ الله تعاليٰ جو ڪتاب قرآن ڪريم جيڪو سيني وٽ مشهور ۽ متواتر آهي، ۽ ٻيو رسول اڪرم ﷺ جي حديثن جو ڪتاب صحيح بخاري آهي جيتوڻيڪ رسول الله ﷺ جي حديثن تي ڪتاب ٻيا بہ آهن پر انهن مان ڪو بہ صحيح بخاري جي برابر ناهي.

ان ڪري عالمن صحيح بخاري کي ”اصح الڪتب بعد ڪتاب الله“ چيو آهي. ان ڪري حق جي طلبگار کي اهي ٻہ ئي ڪتاب ڪافي آهن. ”يعني قرآن مجيد ۽ صحيح بخاري.“

**تدوينِ حديث:**

تدوينِ حديث (حديثن کي گڏ ڪرڻ) جي شروعات خلفاءِ راشدين کان ئي ٿي هئي. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي جيڪڏهن ٿورو بہ شڪ ٿيندو هو تہ دليل ۽ گواهي طلب ڪندا هئا. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه بابت محدث لکن ٿا تہ روايت ۾ انتهائي سختي ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو شاگرد حديث جا لفظ ياد ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندو هو تہ سخت تنبيہ ڪندا هئا. تحقيق ۽ تنقيد جو بنياد حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وڌو. تابعين ان جا اصول ۽ ضابطا مرتب ڪيا ۽ تبع تابعين مستقل ۽ باضابطہ فن جي حيثيت ڏني.

بخاري شريف کي جيڪڏهن اسلامي علوم جو ”انسائيڪلوپيڊيا“ چيو وڃي تہ بلڪل صحيح هوندو.

**مستجاب الدعوات:**

امام بخاري مستجاب الدعوات هئا (جن جي دعا قبول ٿيندي هجي). هنن پنهنجي ڪتاب جي پڙهندڙ لاءِ بہ دعا ڪئي آهي ۽ سوين مشائخن ان جو تجربو ڪيو آهي تہ ختمِ بخاري هر نيڪ مطلب ۽ مقصد لاءِ مفيد آهي.

”ان کري بخاري جي تکميل جي مجلسن ۾ شريک ٿي الله رب العزت کان دعائون گهرڻ کپن.“

**وفات:**

محمد بن ابي حاتم وراق فرمائي ٿو ته مون غالب بن جبريل کان ٻڌو ته امام بخاري خرتنگ ۾ انهن وٽ ئي تشريف فرما هئا. امام بخاري ڪجھ ڏينهن اتي رهيا پوءِ بيمار ٿي پيا. ان وقت هڪ قاصد آيو ۽ چوڻ لڳو ته سمرقند جي ماڻهن توهان کي گهرايو آهي. امام بخاري قبول فرمايو. موزا پاتا، عمامو ٻڌو. ويھ قدم هليا هوندا ته پاڻ چيو ته مونکي ڇڏي ڏيو، مونکي ڪمزوري ٿي وئي آهي. اسان ڇڏي ڏنو. امام بخاري ڪيترين ئي دعائون پڙهيون پوءِ ليٽي پيا. سندن بدن مان تمام گهڻو پگهر نڪتو. ڏھ شوال ٢٥٦ هجري عشاء جي نماز کان پوءِ پاڻ وفات ڪئي. ٻئي ڏينهن جڏهن پاڻ جي وفات جي خبر سمرقند ۽ آس پاس ۾ مشهور ٿي ته روج راڙو مچي ويو. جنازو ڪنيو ويو ته شهر جو هر ماڻهو جنازي سان گڏ هو. ظهر جي نماز کان پوءِ علم، عمل، زهد ۽ تقويٰ جي هن پيڪر کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. جڏهن قبر ۾ رکيو ويو ته سندن قبر مان مشڪ وانگر خوشبو نڪتي ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين اها خوشبو باقي رهي. (ابن ابي حاتم)

انّا لله وانّا اليه راجعون

# الحاد جو فڪري سفر: تاريخي ردعمل کان وجودي بحران تائين

## (عقل،وحي ۽ الحاد : هڪ تجزياتي مطالعو)

علامہ علي اڪبر راهمون سڪندري

انساني فڪر جي تاريخ ۾ 'الحاد' (خدا جو انڪار) محض هڪ نظرياتي اختلاف ناهي، بلڪ هي يورپي تاريخ جي مخصوص سياسي جبر ۽ ڪليسائي استبداد (چرچ جي ڏاڍائي) جي بطن مان جنم وٺندڙ هڪ شديد ردعمل جو فلسفو آهي. جتي جديد ذهن عقلِ محض کي ڪائنات جي تشريح لاءِ ڪافي سمجهي، وحي کان بغاوت جو رستو اختيار ڪيو، اتي ئي وجود جي بي معنيٰ هجڻ ۽ اخلاقي انتشار جي نون سوالن جنم ورتو.

حقيقت اها آهي تہ الحاد، سائنسي اوٽ ۾ لڪل هڪ اهڙو نفسياتي فرار آهي جيڪو وجود جي بنيادي سوالن کان ڪنڌ موڙي، مادي دنيا کي ئي آخري حقيقت قرار ڏئي ٿو. زيرِ نظر مضمون الحاد جي تاريخي ارتقا، فلسفياڻن تضادن ۽ نفسياتي محرڪن جو اسلامي فڪر جي ميٽا فزڪس (مابعدالطبيعات) جي تناظر ۾ هڪ علمي محاڪمو پيش ڪري ٿو، تہ جيئن عقل ۽ وحي جي فطري هم آهنگي کي واضح ڪري سگهجي.

### ١. جديد الحاد: تاريخي جبر جو فڪري ردعمل

جديد الحاد ڪا مابعدالطبيعاتي دريافت ناهي، بلڪ يورپي فڪري ارتقا جو هڪ منطقي ۽ تاريخي نتيجو آهي. قديم يونان ۾ هي صرف هڪ محدود فلسفياڻي بحث تائين محدود هو، پر قرونِ وسطيٰ ۾ ڪليسائي استبداد ۽ پاپائيت جي عقل دشمن روش، 'خدا' ۽ 'جبر' کي هڪ ئي استعاري ۾ بدلائي ڇڏيو.

نتيجي طور، جديد الحاد جو جنم چرچ جي سياسي ۽ ذهني غلامي کان بغاوت جي صورت ۾ ٿيو، جتي وحي جي انڪار کي 'آزاديءَ' جو مترادف قرار ڏنو ويو. اهو هڪ بنيادي علمي مغالطو آهي تہ يورپ جي ان

تلخ مذهبي تجربي کي اسلام جي ان علم پرور ۽ غير ڪليسائي نظام تي لاڳو ڪيو ويجي، جنهن جي تاريخ ۾ عقل ۽ وحي ڪڏهن به هڪٻئي جي ضد نہ رهيا آهن.

**٢. الحاد جو منطقي محاڪمو: فلسفي جي لحاظ کان اڻپورو هجڻ**

الحاد، عقل ۽ برهان جي دعويٰ جي باوجود، فلسفي جي سطح تي ڪيترن ئي تضادن جو شڪار آهي:

**دليل جو بار:** (Burden of Proof) خدا جي انڪار جي مطلق دعويٰ پاڻ هڪ وڏو منطقي بار رکي ٿي، جنهن کي بغير دليل جي 'فرضِ اولين' طور تسليم ڪرڻ علمي بدديانتي آهي.

**وجودي سوال:** الحادي فڪر ڪائنات جي 'سببِ اولين' (First Cause) ، انساني شعور جي ماهيت، ۽ معروضي اخلاقيات جي بنيادي سوالن جو تسلي بخش حل پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي.

**سائنسزم:** (Scientism) الحاد پاران سائنس کي هڪ هٿيار طور استعمال ڪرڻ دراصل 'سائنسزم' آهي، ڇاڪاڻ تہ سائنس جو دائرو صرف مادي عالم جي 'ڪيفيت' (ڪيئن) تائين محدود آهي، جڏهن تہ 'ماهيت' (ڇو) ۽ 'سببِ مطلق' جو بحث تجربي ۽ مشاهدي جي حدن کان ماورا آهي.

**٣. الحاد جا نفسياتي محرڪ: ذهني فراريت جا روپ**

الحاد هميشہ خالص عقلي بنيادن تي بيٺل نہ هوندو آهي، بلڪ ڪيترن ئي حالتن ۾ هي 'نفسياتي فرار' جو هڪ روپ آهي. ان جا ٽي اهم پهلو آهن:

**شهواني فراريت:** جتي اخلاقي پابندين کان آزاديءَ جي تڙپ الحاد کي هڪ جواز طور استعمال ڪري ٿي.

**وجودي الحاد:** جيڪو موت ۽ زندگيءَ جي بي معنيٰ هجڻ جي خوف مان جنم وٺي ٿو ۽ 'بي مقصد زندگي' کي تسليم ڪري ٿو.

**ردعمل جو الحاد:** جيڪو مذهبي جبر ۽ منافقت جي تلخ تجربن مان پيدا ٿيندڙ هڪ جذباتي انڪار آهي.

انهن سڀني صورتن ۾ مسئلو دليل جي کوٽ نہ، پر ارادي ۽ جذبي جي

بي راهہ روي آهي.

**۴. اسلامي فڪر: عقل ۽ وحي جي هم آهنگي**

اسلامي تناظر ۾ عقل ۽ وحي هڪٻئي جي ضد نہ، بلڪ لازم ۽ ملزوم آهن. عقل انسان کي خالق جي ڳولا لاءِ گهربل بنيادي شعور فراهم ڪري ٿو، پر اهو پنهنجي محدود دائري سبب ماورائي حقائق جو مڪمل احاطو نٿو ڪري سگهي. هتي 'وحي' عقل جي رهنمائي ڪندي ان کي معنوي غذا ۽ آخري منزل تائين پهچڻ جو رستو ڏيکاري ٿي. اسلام ۾ انساني وجود هڪ ذميوار اڪائي آهي، جتي آزاديءَ جو مفهوم جوابدهيءَ کان فراريت نہ، پر عدل ۽ رحمت جي دائري ۾ رهي پنهنجي مقصدِ تخليق کي پائڻ آهي.

**نتيجو:**

الحاد ڪو عالمگير سچ ناهي، بلڪ تاريخي ردعمل، فلسفياڻن تضادن ۽ نفسياتي دائرن جو هڪ پيچيدو ذهني مونجهارو آهي. يورپ جي ڪليسائي ظلم مان جنم وٺندڙ هي فڪر اڄ بہ سائنس جي اوٽ ۾ پنهنجي وجودي ناڪامين کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. الحاد جتي انسان کي بي مقصد ڪائنات جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏئي ٿو، اتي اسلام عقل کي وحي جي روشنيءَ سان منور ڪري انساني فطرت ۽ خالق جي وچ ۾ هڪ متوازن ۽ بامقصد تعلق قائم ڪري ٿو. حقيقي آزادي وحي جي انڪار ۾ ناهي، پر ان جي هدايت ۾ پنهنجي وجود جي سڃاڻپ ڪرڻ ۾ آهي.

(هي مضمون جديد ذريعن تان ورتل معلومات جي روشنيءَ ۾ تيار ڪيو ويو آهي)

وَمَا تَوْفِيقِي إِلَّا بِاللَّهِ

# "وطن یا کفن" کا نعرہ لگانے والے بادشاہ

تحریر: طیبہ بخاری

آج ہم ایک ایسے "بادشاہ" کا ذکر کریں گے جس نے برصغیر کی تحریک آزادی میں نمایاں کردار ادا کیا اس جری کا نام "سورھیہ بادشاہ" تھا، جس نے پھانسی کے پھندے کو چوما لیکن غلامی کا طوق نہیں پہنا۔ اس بادشاہ کے کئی القاب ہیں، جسے کہیں "باغی" لکھا گیا تو کہیں صاحبِ دستار، کہیں "پگ دھنی" (پگڑی والا) کے لقب سے جانے گئے تو کہیں امام انقلاب، شہید بادشاہ، بطلِ حریت اور مجاہد اعظم کہلائے لیکن انکا جو لقب سب سے زیادہ مقبول و معروف ہوا وہ "سورھیہ بادشاہ" ہے۔۔۔جی ہاں ہم بات کر رہے ہیں پیر صاحب پاگارو ششم کی جنکا اصل نام پیر سید صبغت اللہ شاہ ثانی راشدی ہے۔ سید صبغت اللہ شاہ دوم 6مارچ 1909ء کو پیر جو گوٹھ، ضلع خیر پور سندھ میں پیدا ہوئے بہادری کی وجہ سے لوگ انہیں سورھیہ بادشاہ پکارنے لگے۔ سندھی زبان میں سورھیہ بہادر کو کہتے ہیں۔ سورھیہ بادشاہ کی تحریک کا نام "حر تحریک" تھا اور ان کے ولولہ انگیز پُر جوش نعرے "بھیج پاگارا"۔۔۔ "وطن یا کفن" اور "آزادی یا موت" تھے۔ اس تحریک کے 2 مراکز تھے ایک پیر جو گوٹھ ضلع خیر پور اور دوسرا گڑنگ بنگلہ سانگھڑ۔

تاریخ شاید سورھیہ بادشاہ کا انگریز فوج کے جنرل سے یہ مکالمہ بھول نہ پائے

"انگریز جنرل۔۔۔ آپ کو خیر پور ریاست دیتے ہیں چھوڑو آزادی کی باتیں

سورھیہ بادشاہ۔۔۔ سودے بازی ہرگز نہیں میرے جسم میں حسینی خون ہے

انگریز جنرل۔۔۔ سر کا خطاب لے لو ایک بندوق ہماری طرف سے تحفہ سانگھڑ بھی

تمہارا خیر پور بھی تمہارا بس حروں کو جنگ بندی کا پیغام بھیجو۔

سورھیہ بادشاہ ۔۔۔ ہتھیار ہمارے پاس بھی بہت ہیں لقب پیر پاگارو کافی ہے میں صرف سانگھڑ خیر پور نہیں پورا ہندوستان آزاد کرواؤں گا

انگریز جنرل ۔۔۔ بغاوت کی سزا پھانسی ہے

سورھیہ بادشاہ ۔۔۔ "شہادت ہمارے سروں کا تاج ہے آگے بڑھ کر پہننا ہماری روایت ہے۔"

تاریخ دہراتے چلیں کہ انگریزوں کے برصغیر میں تقریباً 100 سالہ دور حکومت میں سندھ میں مارشل لاء لگا۔ یہ مارشل لاء انگریزوں نے اپنے خلاف ہونیوالی بغاوت کو کچلنے اور اس بغاوت کے بانی و لیڈر سورھیہ بادشاہ کو سزائے موت دینے کیلئے لگایا تھا۔ اس اقدام سے صاف اندازہ لگایا جاسکتا ہے کہ یہ بغاوت کتنی طاقتور ہوگی کہ اس کو کچلنے کیلئے سندھ میں مارشل لاء لگایا گیا جو سندھ اسمبلی نے 20 مارچ 1942ء کو حر ایکٹ کے نام سے بل پاس کر کے لگایا۔ سندھ کے صرف 4 اضلاع میں ہزاروں فوجیوں کو تعینات کیا گیا، ہوائی جہازوں سے بمباری کی گئی اور ہزاروں حروں کو خاندانوں سمیت جیلوں اور کیمپوں میں قید کر دیا گیا۔ سورھیہ بادشاہ کو 24 اکتوبر 1941ء کو آخری مرتبہ گرفتار کیا گیا۔ جس پر حروں کی شدید مزاحمت دیکھتے ہوئے سندھ میں 20 مارچ 1942 کو انگریز سامراج نے مارشل لاء لگایا، اُس وقت دوسری عالمی جنگ اپنے عروج پر تھی ہٹلر اور جاپان کے جنرل ٹوجو انگریزوں پر بھاری پڑ رہے تھے تو یہاں سندھ میں سورھیہ بادشاہ اور انکے حر (مرید) انگریز فوج کے سامنے سیسہ پلائی دیوار بنے ہوئے تھے ۔ حروں نے سورھیہ بادشاہ کی قیادت میں انگریزوں کے خلاف متعدد مرتبہ علم جہاد

بلند کیا اور سندھ پر قبضے کے بعد بھی انگریزوں کو کافی عرصے تک چین سے نہیں بیٹھنے دیا ۔ پھر وہ وقت بھی آیا جب سورھیہ بادشاہ کیخلاف انگریز حکومت نے بغاوت کا مقدمہ چلایا، مقدمے کے دوران انگریز حکومت نے اپنے کئی ایجنٹوں کے ذریعے سورھیہ بادشاہ کو پیغام بھجوایا کہ وہ حکومت سے معافی مانگ لیں تو انہیں معاف کیا جا سکتا ہے اس طرح وہ پھانسی سے بچ سکتے ہیں لیکن سورھیہ بادشاہ نے ایک ہی جواب دیا، جو تاریخ میں ہمیشہ کیلئے محفوظ ہو گیا بلاشبہ آزادی کا پرستار اور ایک بہادر ایسے ہی جواب دے سکتا ہے۔

سورھیہ بادشاہ کا جواب یہ تھا کہ "شہادت ہمارا تاج ہے۔ اسے آگے بڑھ کر پہن لینا ہمارے لیے عبادت ہے۔ ہم نے صرف آزادی کو چاہا ہے اور یہ کوئی جرم نہیں ہے۔ ظالم سے معافی مانگنے کا ہم تصور بھی نہیں کر سکتے۔ ہم تو صرف اللہ سے اپنے گناہوں کی معافی مانگتے ہیں۔"

ملٹری کورٹ میں جب سندھ کی دھرتی کے اس بہادر بیٹے پر مقدمہ چلایا گیا تو بیزاری اور بے رُخی کا وہ انداز اپنا کر احتجاج ریکارڈ کروایا جو حریت پسندوں اور مجاہدوں کے شایان شان تھا۔ مسکراتے ہوئے پھانسی کا پھندا گلے میں ڈالنا پسند کر لیا لیکن غلامی کا طوق نہیں پہنا اور معافی طلب کرنے کو ہرگز گوارا نہ کیا۔ بغاوت کے الزام میں مسٹر جارج ششم کے نمائندوں نے پھانسی کی سزا مقرر کی اور بالآخر 20 مارچ 1943ء 14 ربیع الاول 1362ھ کو فجر کے وقت سینٹرل جیل حیدرآباد میں صرف 35 سال کی عمر میں اس بہادر بادشاہ کو پھانسی دیدی گئی۔ سورھیہ 23 سال مسند نشین رہے۔ انگریز فوج کی حیدرآباد بریگیڈ کے میجر رچرڈسن کی سربراہی میں سورھیہ بادشاہ کی بمباری سے

کھنڈر بنی حویلی پر سے اس بہادر بادشاہ کے دونوں بیٹوں 14 سالہ شاہ مردان شاہ اور 12 سالہ نادر علی شاہ کو انگریز اپنے ساتھ لے گئے۔ پہلے ان بچوں کو علی گڑھ اور پھر 1950ء تک برطانیہ میں رکھا گیا۔

انگریز حکومت اپنے اقتدار کو بچانے کیلئے سورھیہ بادشاہ سمیت ان کی جماعت کے ہزاروں بے گناہوں کے خون ناحق سے ہاتھ رنگ چکی تھی لیکن قدرت نے سورھیہ بادشاہ اور انکے بے گناہ ساتھیوں کا انتقام لیا۔ دنیا نے دیکھا کہ سورھیہ کی پھانسی کے بعد انگریز سامراج کو 4 برس کی بھی مہلت نہیں ملی اور جس سلطنت میں کبھی سورج غروب نہیں ہوتا تھا اس کے عروج کا سورج صرف 4 سال 4 مہینے میں غروب ہوگیا اور ایسا غروب ہوا کہ مستقبل میں اس کے دوبارہ چمکنے کا امکان ہی نہ رہا اور وہ سلطنت جو کبھی کرۂ ارض پر درجہ اول کی سلطنتوں میں شمار ہوتی تھی برصغیر کو آزادی لوٹانے اور خود واپس جانے پر مجبور ہوگئی۔ حر وہ قوم ہیں جن کی نسلیں اپنے گرد انگریزوں کے پہرے میں کانٹے دار باڑوں والی بستیوں میں پیدا اور جوان ہوئیں۔ ان میں سے کئی حر آج بھی ہیں جنہوں نے پاکستان کا پرچم پہلی بار باڑوں والی جیلوں سے دیکھا تھا۔

"وطن یا کفن" کا نعرہ لگانے والے اس عظیم شہید سورمے سورھیہ بادشاہ نے اپنی حر جماعت کے ساتھ اس دھرتی کی آزادی کیلئے جام شہادت نوش کیا لیکن سر نہیں جھکایا اور غلامی قبول نہیں کی۔

❁❁❁